بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

٤

# سِنڌي ڪتاب

## استادن لاءِ رهبر

اعزازي ڪاپي – ناقابلِ فروخت

OXFORD
UNIVERSITY PRESS

اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس

# تعارف

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. جنهن وٽ هڪ وسيع ادبي ۽ علمي ورثو موجود آهي. سنڌي ٻولي کي مادري ٻولي طور پڙهائڻ هڪ اهم تعليمي عمل آهي، جنهن لاءِ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جديد تعليمي تحقيق ۽ عالمي معيارن جي بنياد تي سنڌي نصاب کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

اوڪسفرڊ پاران تيار ڪيل سنڌي ڪتابَ ٻارن جي پنهنجي ٻولي ۽ انهن جي آس پاس جي ماحول کي ڌيان ۾ رکندي لکيا ويا آهن. سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ٻارن جي مادري يا گهٽي استعمال ٿيندڙ ٻولي آهي، تنهنڪري هيءَ ٻوليءَ جي تدريس استادن لاءِ بہ وڌيڪ اثرائتي ۽ ڪارائتي ثابت ٿيندي رهي آهي. انهن ڪتابن ۾ ٻولي سيکارڻ وقت ٻارن جي فڪري، لساني ۽ سماجي واڌ ويجهہ کي خاص ڌيان ۾ رکيو ويو آهي.

ٻولي سکيا جي عمل ۾ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، ڇو تہ اها رابطي، سمجهہ ۽ تنقيدي سوچ جي واڌ ويجهہ ۾ مدد ڪري ٿي. ٻولي سيکارڻ جو عمل ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ سان شروع ٿيندو آهي، جڏهن تہ پڙهڻ ۽ لکڻ جون مهارتون گڏوگڏ ترقي وٺن ٿيون. ٻار اسڪول اچڻ کان اڳ ئي ڳالهائڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تنهن ڪري استاد لاءِ ضروري آهي تہ هو ٻارن کي اڳ ئي سکيل ٻولي استعمال ڪرڻ جا ڀرپور موقعا ڏئي. سنڌي پڙهائيندڙ استاد لاءِ رڳو ٻولي ڳالهائڻ ڪافي ناهي، پر سٺي، معياري ۽ صاف سنڌي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ اکر لکڻ پڻ لازمي آهي. استاد جو آواز نرم، انداز اثرائتو ۽ لهجو ٻارن جي عمر مطابق هئڻ گهرجي. هو اڳواٽ تياري سان، آسان ۽ اخلاقي ٻولي استعمال ڪري، ٻارن کي شاباس ڏئي ۽ سندن ڳالهائڻ جي همت افزائي ڪري. ڪلاس ۾ ٻارن کي ڳالهرائڻ لاءِ استاد سبق ٻڌائڻ کان پوءِ ورجاءُ ڪرائي، سبق يا ڪهاڻيءَ جو خلاصو پڇي، سوال ڪري ۽ ٻارن کان پنهنجي راين جو اظهار ڪرائي، جيئن ٻوليءَ جي سکيا وڌيڪ مؤثر ۽ اثرائتي بڻجي سگهي.

اوڪسفرڊ جي سنڌي نصاب ۾ ٻوليءَ جون بنيادي مهارتون، جهڙوڪ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ، سمجهڻ وغيره. منظم نموني سان ٺاهيو ويو آهي. گڏوگڏ، انهن مهارتن کي حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب تدريسي طريقا بہ شامل ڪيا ويا آهن. استادن جو هي رهنما ڪتاب پهرئين کان پنجين درجي تائين سنڌي ڪتابن سان ڳنڍيل آهي ۽ سڀني درجن ۾ ٻولي سيکارڻ لاءِ هڪجهڙو ۽ مربوط طريقو اختيار ڪيو ويو آهي، جنهن سان ٻارن جي سکيا ۾ تسلسل برقرار رهي ٿو.

’سنڌي ڪتاب ۴‘ اوڪسفرڊ يونيورسٽي پريس جي اهتمام هيٺ تيار ڪيو ويو آهي، ۽ ان ڪتاب جي بنياد تي استادن لاءِ هي رهنما ڪتاب ترتيب ڏنو ويو آهي، تہ جيئن استاد ڪلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مؤثر، معنيٰ خيز ۽ ٻارن دوست تدريس ڪري سگهن.

# فهرست


| سبق | عنوان | سنڌي | اُردُو |
|---|---|---|---|
| سبق ١ | حمد | ١ | ٦٨ |
| سبق ٢ | اسان جو نبي سڳورو خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَلَي آلِہِ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم | ٣ | ٧٠ |
| سبق ٣ | نَعَت | ٥ | ٧٢ |
| سبق ٤ | حضرت علي ڪرم الله وَجهُ | ٧ | ٧٤ |
| سبق ٥ | مَڪليءَ جو سَير | ٩ | ٧٦ |
| سبق ٦ | محنت ڪر (نظم) | ١١ | ٧٨ |
| سبق ٧ | قائدِاَعظم مُحمدَ عَلي جِناح ؒ | ١٣ | ٨٠ |
| سبق ٨ | اَسان جِي دَّرتِي | ١٥ | ٨٢ |
| سبق ٩ | جهنڊيَ جِي عَظمَت | ١٧ | ٨٤ |
| سبق ١٠ | چڱَن جِي صُحبَت (نظم) | ١٩ | ٨٦ |
| سبق ١١ | اسان جو "سچُ" | ٢١ | ٨٨ |
| سبق ١٢ | سَچل سَرمَست ؒ | ٢٣ | ٩٠ |
| سبق ١٣ | ڪمپيوٽر | ٢٥ | ٩٢ |
| سبق ١٤ | پيارو پاڪستان (نظم) | ٢٧ | ٩٤ |
| سبق ١٥ | قرباني جي عيد | ٢٩ | ٩٦ |
| سبق ١٦ | سنڌي ٻوليءَ جي اهميت | ٣١ | ٩٨ |
| سبق ١٧ | سُنڌي شَهريءَ جُون خاصيتون | ٣٤ | ١٠٠ |
| سبق ١٨ | برسات (نظم) | ٣٧ | ١٠٢ |
| سبق ١٩ | سياڻو بادشاهہ | ٣٩ | ١٠٤ |
| سبق ٢٠ | ڪرڪيٽ راند | ٤١ | ١٠٦ |
| سبق ٢١ | قُدرتي آفَتون ۽ اَڳواٽ اُپاءَ | ٤٣ | ١٠٨ |
| سبق ٢٢ | مزاحيا غزل (نظم) | ٤٥ | ١١٠ |
| سبق ٢٣ | عَدُل ۽ اِنصَافُ | ٤٧ | ١١٢ |
| سبق ٢٤ | خلقَ جي خِدمَت جو جَذبَو | ٤٩ | ١١٤ |
| سبق ٢٥ | صحت ۽ صفائي | ٥٢ | ١١٦ |
| سبق ٢٦ | ماحولياتي تبديلي | ٥٥ | ١١٩ |
| سبق ٢٧ | چڱي ڳالهہ (نظم) | ٥٧ | ١٢١ |
| سبق ٢٨ | پاڻي وڏي نعمت آهي | ٥٩ | ١٢٣ |
| سبق ٢٩ | مرزا قليچ بيگ | ٦١ | ١٢٥ |
| سبق ٣٠ | ماڪوڙيءَ ۽ ڪبوتر (تصويري آکاڻي) | ٦٤ | ١٢٨ |
| سبق ٣١ | بهارُ آيو، بهارُ آيو (نظم) | ٦٦ | ١٣٠ |

## سبق پهريون

### حمد

### سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻي، واقعا، تقريرون ۽ خطبا ٻڌي انهن جا اهم نقطا سمجهي سگهي.
- نظم ٻڌي، ان جو مفهوم بيان ڪري سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- اسم عام ۽ خاص جي فرق کي سمجهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۱-۲

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي سنڌي چوٿين ڪتاب جو تعارف ڪرائي. ان ڪانپوءِ ڪتاب جي صفحي نمبر ۱ تي ڏنل سبق ”حمد“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو پهريون سبق پڙهندا. (نئين لفظن جي معنيٰ صفحي ۹۲ تي ڏسو.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ذهن جي آمادگي وارا ڪتاب ۾ ڏنل سوال پڇي.
- هاڻي حمد کي چٽي اُچار سان، وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئه سان پڙهڻ شروع ڪريو.
- هڪ ٻيو شاگردن کان به انفرادي طور حمد سُر ۽ لئه سان پڙهايو. ٻارَ جيڪڏهن درست طريقي سان حمد نه پڙهن ته اوهان کين سُر ۽ لئه سان سِٽون پڙهائي مثال ڏيو.
- حمد جي مختصر سمجهاڻي ڏيو: هن حمد ۾ شاعر رحيم بخش قمر خدا تعاليٰ جي تعريف ڪندي چئي ٿو ته ڏٺي اسان لاءِ اڻ ڳڻيا گل ڦل سونهن پريا پيدا ڪيا آهن. انهن مٿان نظر ايندڙ پکي، جيت ۽ ٻيا ساهوارا ڪيڏا سهڻا لڳن ٿا. شاعر چئي ٿو ته سمنڊَ، درياءَ، جبل ۽ جهنگ به الله سائين وڏي ڏاهپ سان پيدا ڪيا آهن. هن ڪائنات ۾ اُڀ يعني آسمان، تارا، باغ بهارون، سانوڻ جا مينهَن، توڙي سج چنڊ خلقي زندگيءَ کي ڏاڍو وڻندڙ بڻايو اٿائين.
- حمد پڙهڻ ڪانپوءِ زباني سوال ڪريو: هي حمد ڪهڙي شاعر جو لکيل آهي؟ هي دنيا ڪنهن خلقي آهي؟ ڏار ڏار شيون خلقڻ سان خدا ڪيئن زندگيءَ ۾ سونهَن ڦوڪي آهي؟

### مشق:

(الف) مڪمل مصرع

۱. گل ڦل نيارا، خالق خلقيا،
۲. ڪوئل، بلبل، پَونر، پنيوريون
۳. اپ ۽ ڌرتي، عَرشُ ۽ ڪرسي،
۴. روشن تارا، خالق خلقيا.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سبق جي سوالن جا جواب.

١. گل ڦل، وڻ ٽڻ سڀ الله سائين خلقيا آهن.
٢. باغن منجهه بهارَ آڻيندڙ بہ الله سائين آهي.
٣. ڌرتيءَ کي روشن ڪرڻ لاءِ سج، چنڊ، تارا، باهہ وغيره خلقي اٿائين.
٤. اسان جي چوڌاري ٻني ٻارا، درياءَ، ڍنڍون، گرمي سردي وغيره آهن جن مان اسان کي فائدو ملي ٿو.

## قواعد:

اسم عام ۽ اسم خاص

ٻهريان اسم عام ۽ اسم خاص ڪتاب جي صفحي ٢ تي ۾ پڙهايو.

(ج) اسم عام ۽ اسم خاص

| اسمِ عام | | اسمِ خاص | |
|---|---|---|---|
| ڳوٺ | ڳوٺ ۾ زندگي سادي پر وڻندڙ آهي. | حيدرآباد | حيدرآباد سنڌ جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. |
| شهر | شهر ۾ سڀ سهولتون ملي وينديون آهن. | سنڌو درياءَ | سنڌو درياءَ ڪانسواءِ سنڌ ريگستان بڻجي ويندي. |

(د). اوهان جي چوڌاري قدرت جا ڪهڙا نظارا آهن، هڪ پيرا گراف لکو (ٻار ڪي بہ جملا لکي سگهن ٿا)

- منهنجي چوڌاري باغ جو نظارو آهي. باغ ۾ سائي سائي وڻن تي پکين جا آواز اچن ٿا. گلن مان خوشبوءِ اچي ٿي. ٻار ڪيڏن ٿا ۽ وڏا ماڻهو پنڌ ڪن ٿا. ٿڌڙي هيرَ يعني هوا هلي رهي آهي. ماڻهو وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، ٻيا ساهوارا سڀ گڏ سُهڻا لڳن ٿا. اهو ڏسي مون کي خوشي ٿئي ٿي.

## سرگرمي.

- صفحي نمبر ٢ تي ڏنل سرگرمي ۾ استاد وڏي آواز ۾ حمد جا پهريان لفظ پڙهي، جڏهن تہ شاگردن کي چئي تہ هو وڏي آواز ۾ "خالق خلقيا" گڏجي چون. مثال: توهان پڙهو " گل ڦل نيارا" شاگرد چون: "خالق خلقيا. اهڙيءَ ريت سڄو حمد ٻارن سان گڏجي پڙهو.

## سبق ٻيون

## اسان جو نبي سڳورو خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم

### سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻي، واقعا، تقريرون ۽ خطبا ٻڌي انهن جا اهم نقطا سمجهي سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجي اسڪول ۽ پاڙي جي لائبريريءَ مان پنهنجي دلچسپيءَ جا رسالا ۽ ڪتاب وٺي انهن جو مطالعو ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۳-۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳ تي ڏنل سبق ”اسان جو نبي سڳورو خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم“ ڏسڻ جي هدايت ڪندي ڪتاب جي مٿئين حصي ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي جا سوال پڇندو. (ياد رکو: نَوان لفظ ڪتاب جي صفحي ۹۲ تي ڏسي سگهجن ٿا.
- هاڻي استاد ٻهريان پاڻ سبق پڙهائي وجي. سبق پڙهائڻ دوران تفهيمي سوال مشق نمبر ب وارا، زباني طور پڇو.
- سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻارن کي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي زندگيءَ بابت سوال ڪري. ٻارن کي ٻڌائي ته پاڻ سڳورا محنتي، ايماندار ۽ پنهنجي عمل ذريعي مخالفن اڳيان به ساراهه جوڳا هئا. ڪين بيمارن جو ايترو خيال هوندو هو جو ان لاءِ نماز کي به مختصر ڪري ڇڏيندا هئا. ٻارن سان ايترو پيار ڪندا هئا، جو حسن ۽ حسين کي ڪيڏائيندا هئا. سندن حسن اخلاق مبارڪ ايترو اعليٰ هيو جو ٻارن کي به سلام ڪندا هئا. سندن اعليٰ اخلاق، ايمانداري ۽ سچائي ڪري مڪي جا ماڻهو ڪانئن دعائون وٺڻ ايندا هئا.
- اهڙي ريت ٻارن کان سوال جواب ڪندي حضرت محمد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن زندگيءَ بابت ڳالهه ٻولهه ڪريو.
- ٻارن کان اِهو سوالُ به ڪريو ته سبق ۾ پاڻ سڳورن جي ڪهڙين عادتن جو ذڪر ٿيل آهي.

### مشق:

(الف) صحيح جملن آڏو (✓) ۽ غلط جملن آڏو (✗) جو نشان لڳايو.

۱. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي ڏاڏي جو نالو عبدالمطلب هو. ✓

۲. ٻارَ جي سارَ سنڀال لاءِ عَرب ان کي اسپتال جي حوالي ڪندا هئا. ✗

۳. گهر جا سڀ ڀاتي هن ٻارڙي جي اچڻ تي ڏاڍا خوش ٿيا هئا. ✓

۴. حضرت عبدالمطلب پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي اُٺ تي ڪٽي جبل ويا هئا. ✗

ب) سوالن جا جواب:

١. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم عربستان جي شهر مڪي ۾ ڄاوا هئا.
٢. پاڻ سڳورا صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي دائي جو نالو بيبي حليمہ هو.
٣. جڏهن مڪي ۾ ڏڪار پيو تہ حضرت عبدالمطلب پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي ڪُلهي تي جبل ڏانهن کڻي ويا ۽ آسمان ڏانهن مُنهن مبارڪ ڪري دعا ڪيائون ۽ اهڙي ريت مينهن وسي پيو.
۴. مڪي جا ماڻهو موسم جو پهريون تحفو پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي موڪليندا هئا تہ پاڻ اُهو ٻارن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا.

## قواعد:

پهريان صفت پڙهايو. پوءِ صفت جا ٽي جملا لکرايو.

- شاگردن کان پڇو: جيڪڏهن ڪنهن جو قد تمام ڊگهو هجي تہ اسان ڪيس ڪهڙو لفظ چوندا آهيون؟ (ڊگهو = صفت)
- جيڪڏهن ميوو منو هجي تہ توهان ڪهڙو لفظ استعمال ڪندا آهيو؟ (منو = صفت)
- اسڪول جو وڏو دروازو ڏٺو اٿوَ؟ ان لاءِ ڪهڙو لفظ چوندؤ؟ (وڏو = صفت)
- جڏهن پاڻي ٿڌو هجي تہ ڪهڙو لفظ چوندا آهيو؟ (ٿڌو = صفت)

اِهي سڀ سوال جواب ڪرائي پوءِ ڪتاب ۾ ڏنل صفت جي وصف ۽ سمجهاڻي پڙهايو.

(ج) صفت جا ٽي جملا لکرايو.

١. وڏو وڻ ڇانوَ ڏئي ٿو. ٢. هوشيار ٻارَ محنت سان ٿيندو آهي. ٣. گُلاب جو گُل سُهڻو آهي.

(د) پاڻ سڳورن خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم تي هڪ پيرا گراف لکو.

- اسان جا پيارا نبي حضرت محمد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم الله جا آخري رسول آهن. اوهان صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم هميشہ سچ ڳالهائيندا هئا ۽ ماڻهن سان پيار ۽ مهرباني ڪندا هئا. اوهان يتيم، غريب ۽ بيمار ماڻهن جي مدد ڪندا هئا. اوهان صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم سڀني کي ڀائيچاري، ايمانداري ۽ سچائي سيکاريا. اسان سڀني کي گهرجي تہ حضرت محمد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جي زندگي مان سکون ۽ سندن رستي تي هلون.

## سرگرمي:

- پنهنجي اسڪول جي لائبريري مان، حضرت محمد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم جن جي سيرت مبارڪ بابت ڪو ڪتاب ڪيرائي، ان مان هڪ واقعو پڙهي ڪلاس ۾ سڀني آڏو وڏي آواز سان ٻڌايو.

## سبق ٽيون

## نَعت

### سکيا جي حاصلات:

- نظم ٻڌي، ان جو مفهوم بيان ڪري سگهي.
- نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- جملن مان اسم، ضمير چونڊي لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۷-۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦ تي ڏنل سبق "نعت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٽيون سبق نعت پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۲ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي، جيڪڏهن شاگرد جواب نه ڏئي سگهن ته سبق پڙهائڻ کانپوءِ ساڳيا سوال ڪري.
- استاد سُر ۽ لئه سان نعت وڏي آواز سان پڙهڻ شروع ڪري. اهڙو سُر ۽ لئه جوڙو جيئن ٻارَ به ساڳي انداز ۾ پڙهن. هڪ ڀيرو استاد پڙهائڻ کانپوءِ شاگردن کي به هدايت ڪري ته هو گڏجي سُر ۽ احترام سان نعت پڙهن.
- هيءَ نعت شاعر غلام حسين مشتاق سَچاوري پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ جي شانَ ۾ لکي آهي. شاعر پاڻ سڳورن صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّمَ تي نعت ۾ چئي ٿو ته سيني کان پيارو نبي اسان جو نبي آهي. پاڻ جن مسڪينن سان محبت ڪرڻ وارا آهن، سيني سان ٻاجهه سان هلڻ وارا آهن. سندن سيرت ۽ صورت ۾ ڪيو مثال نه آهي. شاعر اڳتي لکي ٿو ته پاڻ سڳورا وڏي مانَ ۽ شان وارا آهن، پاڻ جن کي خدا پنهنجي گهر گهرايو، عرش جو سير ڪرايو.

### مشق

(الف) نعت موجب مصراعون هڪ ٻئي سان ملائي شعر مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| نبين ۾ سڀ کان نيارو نبي | وڏي مــان ۽ شان وارو نبي |
| هُو صورت ۽ سيرت ۾ بي مثل | اسان جو پيارو پيارو نبي |
| گهرايو خدا جنهن کي عرش تي | ڏکايل جي ڏک ۾ ڏکارو نبي |
| ضعيفن ۽ هيڻن جو حامي هئو | ڪيو رات ۾ سير سارو نبي |



OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. هن نعت ۾ شاعر پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم کي غمخوار سڏيو آهي.
٢. خدا عرش تي اسان جي پياري نبي کي گهرايو هو.
٣. نعت اسان جي آخري نبي جي شان ۾ لکيل نظم کي چئبو آهي.
۴. سوال ۴ ۾ سيئي ٻارن کان سُر ۾ نعت پڙهايو.

## قواعد:

اسم ضمير پڙهايو.

- اسم جي جاءِ تي ڪهڙو لفظ استعمال ڪبو آهي؟ سوال ڪانپوءِ ڪتاب مان مثالن ذريعي ضمير پڙهايو.

(ج) اسم ضمير جا جملا

- مان اسڪول وڃان ٿو.
- هُن منهنجي ڀين ورتي آهي.
- هوءَ ڪهاڻي پڙهي ٿي.
- اوهان نعت پڙهي ٻڌايو.

## ڳالهائڻ جي سرگرمي

- ڪتاب جي صفحي نمبر ٧ تي سرگرمي ۾ ڏنل مواد ٻارن کي پڙهي ٻڌايو ۽ پوءِ هو پاڻ بہ هڪ پيرو پڙهن.
- جڏهن شاگرد پڙهي وڃن تہ کين هدايت ڪريو تہ هو ان لکت کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائن. اهڙي ريت هر شاگرد کان پنهنجي لفظن ۾ اُهو بيان ڪرايو جيڪو نعت جي باري ۾ لکيل آهي.

# سبق چوٿون

## حضرت علي ڪرم الله وَجههُ

### سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻي، واقعا، تقريرون ۽ خطبا ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا سمجهي سگهي.
- روزمره جي ڪنهن موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ستن کان ۱۰ سادن ۽ مرڪب جملن جو پئرا گراف لکي سگهي.
- مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.
- مفرد ۽ مرڪب جملا زمانن موجب بدلائي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۸-۱۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸ تي ڏنل سبق "حضرت علي ڪرم الله وجہ" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو چوٿون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۲ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس چئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کي به هڪ پيرو هو گڏجي سبق پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- هيءُ سبق حضرت علي جي زندگي بابت لکيل آهي. حضرت علي رضہ رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جا سؤٽ ۽ ڏاڍا بهادر، علم وارا ۽ نيڪ انسان هئا. ننڍپڻ ۾ ئي اسلام قبول ڪندڙ پهرين ماڻهن مان هئا. حضرت علي پنهنجي سچائي، عدل ۽ علم سبب سڃاتا ويندا آهن. جنگين ۾ سندن بهادري مشهور هئي. ماڻهن کي حق ۽ انصاف سيکاريندا هئا. مسلمانن کين وڏي عزت ڏيندا آهن سندن زندگي اسان جي لاءِ مثالي زندگي آهي. اسلام جا چار خليفا هئا.
- پهريون خليفو. ←حضرت ابوبڪر صديق رضہ
- ٻيون خليفو. ←حضرت عمر فاروق رضہ
- ٽيون خليفو ←حضرت عثمان غني رضہ
- چوٿون خليفو. ←حضرت علي المرتضيٰ رضہ


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## مشق:

(الف) صحيح جواب.

١. چوٿون ٢. اسد الله ٣. پاڻ سڳورن صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَعَليٰ آلِہٖ وَاَصحَابِہٖ وَسَلَّم ۴. مال کان

(ب) سوالن جا جواب:

١. حضرت علي جو پاڻ سڳورن خَاتَم النَّبِيّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم سان سؤٽ جو رشتو هو.

٢. پاڻ سڳورن پنهنجي نياڻي بيبي فاطمہ جي شادي حضرت علي سان ڪرائي.

٣. امام حسين حضرت علي جا پٽ آهن.

۴. امام حسن ۽ امام حسين پاڻ سڳورن خَاتَم النَّبِيّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَليٰ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلَّم جا رشتي ۾ ڏوهٽا آهن.

## قواعد:

(ج) مفرد ۽ مرڪب جملن کي زمان ماضي ۽ زمان مستقبل ۾ مٽايو.

| جملو | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|
| مان پڙهان ٿو. | مان پڙهيو. | مان پڙهندس. |
| ندا کيڏي ٿي. | ندا کيڏيو. | نِدا کيڏندي. |
| علي وڃي ٿو پر ٿوري دير سان. | علي ويو پر ٿوري دير سان. | علي ويندو پر ٿوري دير سان. |

(د) مضمون

- حضرت علي رضہ اسلام جو وڏو بهادر ۽ ڏاهو خليفو هو. هو هميشہ سچ ڳالهائيندا ۽ ماڻهن سان انصاف ڪندا هئا. جنگ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڊڄندا هئا ۽ سدائين اسلام جي حفاظت لاءِ اڳيان اڳيان هوندا هئا. سندن علم ۽ ڏاهپ ۾ بہ مشهور هئا، ماڻهن جا وڏا مسئلا آساني سان حل ڪري ڇڏيندا هئا. حضرت علي جي زندگي اسان کي سيکاري ٿي تہ انسان کي بهادر، نيڪ ۽ انصاف پسند هجڻ گهرجي.

## ڳالهائڻ جي سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ١١ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو.

## سبق پنجون

# مڪليءَ جو سير

### سکيا جي حاصلات:

- مرڪب جملا لکي سگهي.
- مختلف قسم جا جملا (بياني، سوالي) جوڙي سگهي.
- آڪاڻيءَ جي ڪردارن، واقعن، پرولين ۽ لطيفن کي پڙهي يا ٻڌي، پنهنجي پسند ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.
- پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۱۲ – ۱۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۲ تي ڏنل سبق ”مڪليءَ جو سير“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو پنجون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۲ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس چئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کي ٻه هڪ پيرو هو گڏجي سبق پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- هيءَ سبق سنڌ جي تاريخي ماڳ مڪليءَ جي قبرستان بابت آهي. هن سبق ۾ هڪ اسڪول مڪليءَ جو سير ڪرڻ وڃي ٿو. مڪليءَ جو علائقو ٺٽي کان ٿورو پري آهي، ان علائقو ٺٽانهين تي هجڻ ڪري ڏاڍو وڻندڙ آهي. اصل ۾ اُتي هڪ وڏو قبرستان آهي، جيڪو ڪيترين ئي صدين پراڻو آهي. اتي آڳاٽي دؤر جي بادشاهن، وزيرن، شهزادن، اميرن، شاعرن، ولين توڙي ٻين عام توڙي خاص ماڻهن جا مقبرا ۽ قبرون آهن. اُتي مغل توڙي ترخانَ، جن سنڌ تي قبضو ڪري حڪومت ڪئي، تن جا مقبرا پڻ آهن. سبق سير جيان لکيل آهي، جنهن ۾ هڪ هيڊ ماستر پنهنجي اسڪول جي شاگردن ۽ استادن کي تاريخي ماڳ گهمائي ٿو. وڌيڪ تفصيل سبق پڙهڻ کانپوءِ ٻارن کي ٻڌايو.
- شاگردن کان پڇو ته سبق جي ڪهڙي ڳالهه کين پسند آئي ۽ ڇو؟ جيڪڏهن پسند نه آئي ته به ٻڌائن.

### مشق:

(الف) صحيح جواب.

۱. قرآن ۲. ٻه ماڙ ۳. هال وانگر ۴. محنت

(ب) سوالن جا جواب:

١. مڪليءَ جون قبرون ۽ مقبرا، سنڌ جي سمن حڪمرانن توڙي مغلن جي دؤر جون آهن.
٢. مڪليءَ جون قبرون ۽ مڪبرا پٿر ۽ سِرن جا ٺهيل آهن.
٣. مڪليءَ جي خاص ڳالهہ اِها آهي تہ اتي شاندار هنر سان مقبرا ۽ قبرون ٺهيل آهن.
٤. ان دؤر جي اهڙي شاندار ڪاريگري تي شاگرد حيران ٿيا ۽ مقام جي سونهَن ڏسي حيران ٿيا.

## قواعد:

- شاگردن کي ڪتاب بياني، سوالي ۽ مرڪب جملو پڙهائي، سمجهايو.

(ج) ٽي جملا: بياني، سواليہ ۽ مرڪب

- سواليہ جملو: سنڌو درياءَ ڪٿان وهي ٿو.
- بياني جملو: سنڌ قدرتي وسيلن سان مالامال آهي.
- مرڪب جملو: آئون نوري ڄام تماچي جي ڪهاڻي پڙهي، منهنجي ڀيڻ وري گل ڦل رسالو پڙهيو.

(د) مڪليءَ جي سير مان ڇا سکيو.

- مڪليءَ جي سير دوران اسان سنڌ بابت تاريخي ڄاڻ حاصل ڪئي. اُتي وڏا خوبصورت ۽ ڪاريگري سان مقبرا ۽ قبرون ٺهيل آهن. ڪجهہ قبرون تہ ماڙ بہ ٺهيل آهن. قبرستان جي گهڻن مقبرن تي قرآني آيتون لکيل آهن. اُتي سنڌ جي آڳاٽي بادشاهن ڄام تماچي، سنڌ جي مشهور ويڙهاڪ جرنيل دولهہ دريا خان، سمن حڪمرانن جا مقبرا بہ آهن. مڪليءَ ۾ مغل توڙي ترخان حڪمرانن جون قبرون بہ آهن. اُها سنڌ جي تاريخي جڳهہ آهي، جنهن ۾ ڪيترائي شاعر، صوفي ۽ خدا جا ولي بہ پوريل آهن.

(هـ) لفظن جي معنيٰ ۽ جملن ۾ استعمال

| لفظن | معنيٰ | جملن |
|---|---|---|
| حيران | حيرت ۾ وجهندڙ يا عجب ۾ وجهندڙ | علي خوبصورت مقبرو ڏسي حيران رهجي ويو. |
| خوبصورت | جيڪو ڏسڻ ۾ سهڻو هجي | باغ ۾ گل تمام خوبصورت لڳي رهيا هئا. |
| گهڙاوت | ڪا شيءِ ٺاهڻ | استاد ٻڌايو تہ آڳاٽي زماني جي مقبرن جي گهڙاوت شاندار آهي. |
| چِترڪاري | تصوير ٺاهڻ يا رنگن سان سينگارڻ | منهنجي پاءُ کي چترڪاري جو وڏو شوق آهي. |
| ڪمال | وڏي قابليت، بهترين ڪم | سينگارَ خط ۾ ڪمال جون ڳالهيون لکيون آهن. |

## سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ١٥ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو. ان ڪانپوءِ "ڇا توهان کي خبر آهي، ڪنهن بہ شاگرد کان سڄي ڪلاس کي پڙهي ٻڌرايو.

## سبق ڇهون

### محنت ڪر (نظم)

### سکيا جي حاصلات:

- ڪنهن بہ نظم کي پڙهي، ان کي پنهنجي زندگيءَ جي تجربن سان لاڳو ڪري سگهي.
- نظم پڙهي ان جو تت لکي سگهي.
- جملي ۾ مؤنث ۽ مذڪر لفظ تبديل ڪري سگهي.
- نظم کي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي پڙهي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ١٦ - ١٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ١٦ تي ڏنل نظم ”محنت ڪر“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ڇهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٢ تي ڏنل آهن.)
- جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس چئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سُر نظم پڙهي ٻڌائي. شاگردن کي ٻہ هڪ ٻيرو گڏجي سُر سان نظم پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- هيءَ نظم محنت جي عظمت تي لکيل آهي. نظم ۾ شاعر چئي ٿو تہ ٻارن کي محنت ڪرڻ گهرجي. سڀ ڪم محنت سان ٿيندا آهن، اُهو پاڻ کي تيار ڪرڻ جو هجي يا اسڪول وڃڻ جي ڳالهہ هجي. نظم ۾ ٻڌايل آهي تہ هڪ ٻارَ کي محنت سان پنهنجي پڙهائي ۽ ٻيا ڪم ڪارِ ڪرڻ گهرجن. محنت ڪرڻ سان سندس زندگيءَ ۾ آساني ٿيندي ۽ کيس ڪاميابي ملندي. جيڪو استاد شاگردن کي پڙهائي، اُهو ياد رکن. جيڪڏهن محنت ڪندا تہ مٽ مائٽ توڙي دوست کين پڻ ساراهہ ڪندا ۽ عزت ڏيندا، ڇاڪاڻ تہ محنتي ماڻهوءَ جي هر هنڌ حوصلا افزائي ٿيندي آهي.
- شاگردن کي هدايت ڪريو تہ هو گڏجي هڪ ئي سُر ۽ لئہ سان ڪلاس ۾ هي نظم پڙهن.
- ان ڪانپوءِ سبق بابت مختلف سوال ڪريو.
- شاگردن کان پڇو تہ سبق جي ڪهڙي ڳالهہ کين پسند آئي ۽ ڇو؟ جيڪڏهن پسند نہ آئي تہ بہ ٻڌائن. شاگردن جي ذاتي زندگيءَ سان ڪيئن نظم ڳنڍيل آهي؟ ڪنهن تجربي يا ڪم، يا پڙهائيءَ سان؟

## مشق:

(الف) هيٺ ڏنل شعرن کي مڪمل ڪريو.

۱. مڪتب ڏي تـي تـرُت تيـار، محنـت ڪـر تـون محنـت يـار!

۲. پُـڏ تـون يـار هنئيـن سـان لائـي، جـو توکـي اُسـتاد پڙهائـي.

۳. مائـٽ مِـٽ توکـي ڀائيـنـدا، سـنگتـي سـاٿـي پـڻ چاهيـنـدا.

۴. جيـڪـو محنـت خـوب ڪـري ٿـو، پنهنجي ڪـم تـي ڌيان ڌري ٿـو.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. محنت ڪرڻ سان هر ڪم ٿي ويندو، هر هنڌ عزت ۽ مان ملندو.

۲. سنگتي ساٿي ان کي چاهيندا آهن، جيڪو محنت ڪندو آهي.

۳. مائٽ مٽ توکي چاهيندا وارو بند. چاڪاڻ ته مٽ مائٽن جي ساراهه سيني کي وڻندي آهي.

۴. هي نظم محمد صديق مسافر جو لکيل آهي.

## قواعد:

(ج) مذڪر ۽ مؤنث سڃاڻي لکڻ:

| | |
|---|---|
| منهنجي ڀين سٺو آهي. | ڀين مؤنث آهي: ڀين سٺي آهي. |
| اڪرم وڃي رهي آهي. | اڪرم مذڪر آهي. وڃي رهيو آهي. |
| گهوڙو گاهه چري ٿي. | گهوڙو مذڪر آهي. چري ٿو. |
| نبيها ٽي وي ڏسي ٿو. | نبيها مؤنث آهي. ٽي وي ڏسي ٿي. |

(د) شاگرد نظم پڙهي پوءِ ان جو تت پنهنجي لفظن ۾ لکندا.

- هي بيت محمد صديق مسافر جو لکيل آهي. شاعر هن نظم ۾ محنت جي اهميت بيان ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي ته محنتي ماڻهو ڪڏهن پريشان نه ٿيندو آهي. هر هنڌ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو آهي. مٽ مائٽ توڙي سنگتي کين ڀائيندا آهن. جيڪو گهڻي محنت ڪري ٿو تنهن جا ٻيڙا پارِ ٿيندا آهن. هو ڪڏهن ڏکيا ڏينهن نه ڏسندو آهي. تنهنڪري اسانکي گهرجي ته محنت ڪرڻ کان پريشان نه ٿيون. محنت ڪرڻ سان زندگي سولي ٿي پوندي آهي.

سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ۱۸ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو.
- ٻي سرگرمي ۾ محنتي، ڪپڙا، مڪتب، سنگتي، هوشيار، ناماچار ٻارن کي چئو ته پاڻ لفظ ڳولهن. جيڪو شاگرد اڳ ۾ ڪري ويندا، تن جي ساراهه ڪريو. هي سرگرمي شاگرد پاڻ ڪندا، استاد صرف چڪاس ڪندو رهي ته هو صحيح ڪري رهيا آهن. پينسل سان لفظن کي جوڙي سگهن ٿا.

## سبق ستون

## قائد اعظم محمد علي جناح ؒ

### سکيا جي حاصلات:

- ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي، سوشل ميڊيا وغيره) تان معلومات حاصل ڪري سگهي.
- ريڊيو، ٽي وي، سوشل ميڊيا تان معلومات حاصل ڪري ٻين کي ٻڌائي سگهي.
- ڪنهن بہ ڏنل موضوع تي ٽن کان ڇهن منٽن تائين تاثرات سان خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- مختلف قسم جا جملا (امري ۽ ندائي) جوڙي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۱۹-۲۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۱۹ تي ڏنل سبق "قائد اعظم محمد علي جناح ؒ" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ستون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس ڏئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کي بہ هڪ پيرو سبق پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- قائد اعظم ؒ جي شخصيت ۽ جدوجهد تي ٻارن کي تفصيل سان ٻڌايو.
- سبق جا تفهيمي سوال زباني بہ پڇا ڪريو جيئن شاگردن کان پڇو تہ سبق جي ڪهڙي ڳالهہ کين پسند آئي؟

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ستين     ۲. وڪالت     ۳. گورنر جنرل     ۴. ۱۹۴۸ع

(ب) سوالن جا جواب:

۱. قائد اعظم ؒ جو پورو نالو محمد علي جناح هو.
۲. هو ۲۵ ڊسمبر ۱۸۷۶ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو.
۳. ان وقت مسلمانن جي چڱي حالت نہ هئي.
۴. قائد اعظم ؒ شروعاتي تعليم ڪراچي ۽ بمبئي مان حاصل ڪئي.

## قواعد:

امري ۽ ندائي جملا ڪتاب مان پڙهايو.

(ج) شاگردن کي ٻه ٻه امري ۽ ندائي جملا لکڻ جي هدايت ڪريو.

(د) قائد اعظم جي شخصيت ۽ جدوجهد تي پيرا گراف لکرايو.

- قائداعظم محمد علي جناح پاڪستان جا باني ۽ هڪ ايماندار، بهادر اڳواڻ هئا. هو سڀني ماڻهن سان عزت ۽ برابري جو سلوڪ ڪرڻ تي يقين رکندا هئا. قائداعظم جو مقصد اهو هو ته مسلمانن کي پنهنجي ڌرتي تي آزادي ۽ حق ملن، جتي هو امن سان رهڻ ۽ پنهنجي مذهب تي عمل ڪري سگهن. هن وڏي محنت ۽ ڏاهپ سان پاڪستان حاصل ڪيو. ١۴ آگسٽ ١٩۴٧ع تي پاڪستان هڪ آزاد ملڪ بڻيو قائداعظم جو پيغام”ايمان، اتحاد، تنظيم“ هو.

(هہ) جملن جي ترتيب صحيح ڪريو.

١. قائداعظم رات دير تائين پيو پڙهندو هو.
٢. قائد اعظم کي ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ جو شوق هو.
٣. قائد اعظم سدائين سچ ڳالهائيندو هو.
۴. قائد اعظم وڪالت جو امتحان پاس ڪري وطن موٽي آيو.

## سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ٢١ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو.

## سبق اٺون

## اسان جي ڌرتي

### سکيا جي حاصلات:

- گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ٻڌي سمجهي سگهي.
- ڪنهن بہ موضوع تي تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ڪري سگهي.
- پنهنجي درجي موجب عبارت خاموشيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي.
- بي ترتيب جملن کي ترتيب ڏئي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۲۲-۲۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۲۲ تي ڏنل سبق "اسان جي ڌرتي" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو اٺون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس چئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. هڪ ڀيرو شاگردن کان خاموشيءَ سان سبق پڙهايو.
- سبق جا تفهيمي سوال زباني بہ پڇا ڪريو. ان کانپوءِ ڌرتيءَ بابت ڄاڻ ڏيو. ڌرتي سج جي چوڌاري ڦرندڙ هڪ وڏو گولو آهي.اهو سج جي خاندان، يعني شمسي نظام، جو حصو آهي. ڌرتي پنهنجي محور تي بہ ڦري ٿي، جنهن ڪري ڏينهن ۽ رات ٿين ٿا. ڌرتي تي پاڻي، هوا ۽ مٽي موجود آهي، تنهنڪري هتي زندگي ممڪن آهي. ڌرتيءَ جو وڏو حصو پاڻيءَ سان ڍڪيل آهي ۽ ٿورو حصو خشڪيءَ تي مشتمل آهي. هن تي پهاڙ، سمنڊ، نديون ۽ ٻيل آهن. ڌرتي سج کان ٽيون نمبر وارو گرهہ آهي، جيڪو حياتيءَ لاءِ سڀني کان مناسب آهي.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. بصر ۲. گهٽ پاڻيءَ ۳. ڪيرٿر ۴. ميوو

(ب) سوالن جا جواب:

۱. اناج اپايون ٿا. گهر ٺاهيون ٿا. وڻ، ميوا، فصل ۽ ٻيا فائدا بہ حاصل ڪريون ٿا.
۲. ڌرتيءَ جي شڪل بصر جيان آهي. ان وانگي تهہ اٿس.

٣. جهڙي ريت بصر جي ڳنڍيءَ تي ته آهن، تهڙي ريت ڌرتيءَ ۾ به تهن، پر ڪي سنها ته ڪي ٿلها آهن.

٤. ڪي وڏا ته ڪي ننڍا جبل آهن، ڪي سخت، ته ڪي ڀرڪڻا آهن.

٥. بيابان واريءَ جا ٿهيل آهن، ڪي وڏين پٿرن جا ٿهيل آهن.

٦. ڌرتيءَ ۾ لوڻ، سونَ، چاندي، لوهه، ٻين ڌاتن جا خزانا لڪل آهن.

(ج) جملن کي ترتيب ڏيو.

١. اسين سڀ ڌرتيءَ تي رهون ٿا.

٢. اسين سنڌو درياءَ جو پاڻي پيئون ٿا.

٣. ڌرتي اسان جي ماءُ آهي.

٤. سنڌ دنيا جي قديم تهذيب آهي.

(د) ڌرتيءَ ۾ ڪهڙيون شيون موجود آهن، جن مان اسان فائدو حاصل ڪريون ٿا؟

- ڌرتيءَ ۾ اڻ ڳڻيون شيون آهن، جن مان اسان فائدو حاصل ڪريون ٿا. ڌرتيءَ تي درياءَ، سمنڊ، وڻ ٽڻ، فصل، معدنيات آهن، جن مان اسان فائدو حاصل ڪريون ٿا. (ٻارن کان تفصيل سان لکرايو)

## سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٥ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو.

# سبق نائون

## جهنڊي جي عظمت

### سکيا جي حاصلات:

- سادن ۽ مرڪب جملن تي آڌاريل عبارت پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- پنهنجي درجي جي معيار موجب عبارت پڙهي پنهنجي ڄاڻ ۽ سمجهه مطابق سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ٺاهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۲۶-۲۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۲۶ تي ڏنل سبق ”جهنڊي جي عظمت“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو نائون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪري صحيح جواب ملڻ تي شاباس چئي.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. سبق جا تفهيمي سوال زباني بہ پڇا ڪريو.
- جهنڊي جي اهميت تي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.

### مشق:

(الف) صحيح غلط جا جواب:

۱. ✓ ۲. ✗ ۳. ✓ ۴. ✗ ۵. ✗

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پاڪستان جي جهنڊي جا بہ حصا آهن، سائو ۽ اڇو.
۲. جهنڊي جو سائو گهڻائي وارن ماڻهن يعني پاڪستان ۾ مسلمانن جي نمائندگي ڪري ٿو.
۳. جهنڊي جو اڇو حصو ٿورائي وارن جي علامت آهي.
۴. اسلامي تاريخ مان خبر پئي ٿي تہ پاڻ سڀورن جهنڊي کي وڏي اهميت ڏني.

### قواعد:

اڳياڙي ۽ پڇاڙي وارا حصا بورڊ تي پڙهايو.

(ج) اڳياڙي ۽ پڇاڙي جا بہ بہ لفظ ٺاهي ڏيکاريو.

(د) جهنڊي جي اهميت تي مضمون.

- هر ملڪ جو پنهنجو قومي جهنڊو هوندو آهي. جهنڊو ملڪ جي سڃاڻپ ۽ شان جو نشان هوندو آهي.
- پاڪستان جو جهنڊو سائي ۽ اڇي رنگ جو آهي. سائو رنگ مسلمانن جي علامت آهي ۽ اڇو رنگ ٻين مذهبن وارن جي. جهنڊي تي چنڊ ۽ تارو اسلامي تهذيب جي علامت آهن. جهنڊو اسان کي اتحاد ۽ امن جو پيغام ڏئي ٿو. جڏهن جهنڊو لهرائي ٿو ته ماڻهن جي دل ۾ پيار ۽ فخر پيدا ٿئي ٿو. قومي ڏينهن تي جهنڊو هر گهر، اسڪول ۽ اداري تي لڳايو وڃي ٿو. جهنڊي جي عزت ڪرڻ هر شهري جو فرض آهي. اسان کي پنهنجي ملڪ جي جهنڊي تي هميشه فخر ڪرڻ گهرجي.

## سرگرمي:

- ڪتاب جي صفحي نمبر ٢٨ تي ڏنل سرگرمي ٻارن کي ڪرايو.

## سبق ڏهون

# چڱن جي صحبت

### سکيا جي حاصلات:

- لفظن جي غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي انهن ۾ فرق ڪري سگهي.
- لفظن جي غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي انهن ۾ فرق بيان ڪري سگهي.
- نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي لکي سگهي.
- لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ٺاهي سگهي

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۲۹-۳۰

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۲۹ تي ڏنل سبق "چڱن جي صحبت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ڏهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ ٻارن کي سٺي سنگت تي ڳالهه ٻولهه ڪرايو سندن راءِ پڇو ته چڱي سنگت ڪهڙي هوندي آهي؟
- استاد وڏي آواز ۾ نظم پڙهي ٻڌائي. نظم جي سمجهاڻي به ڪين ٻڌايو ۽ تفهيمي سوال پڇا ڪريو.
- سرگرمي لاءِ هيٺيون مضمون پڙهو ڪجهه لفظن جا غلط اچار ڪريو تلفظ غلط ادا ڪريو ۽ ڏسو ته ٻار سڃاڻي سگهن ٿا: چڱي صحبت يعني سٺن دوستن ۽ سٺن ماڻهن سان گڏ رهڻ. چڱي صحبت انسان جي عادتن ۽ سوچ کي سٺو بڻائي ٿي. جيڪڏهن اسين سچ ڳالهائيندڙ مددگار ۽ محنتي ماڻهن سان گڏ رهنداسين ته اسين به اهڙا ئي بڻجي وينداسين. خراب صحبت انسان کي غلط رستي تي وٺي وڃي ٿي. چڱي صحبت ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن ۽ عزت سان ڳالهائيندا آهن. اسڪول، گهر ۽ پاڙي ۾ سٺن دوستن سان گڏ رهڻ سان زندگي خوش ٿيندي آهي. تنهنڪري هميشه اهڙن ماڻهن سان گڏ رهڻ گهرجي، جيڪي سچائي، محنت ۽ نيڪيءَ جو سبق ڏين.

### مشق:

(الف) شعر جون مڪمل سٽون

۱. چڱن جي صحبت ۾ <u>گذارج سدا</u>، ۲. <u>جنهن جي سنگت</u> ۾ وڏي مانُ ، شانُ.

۳. سنگت بَد سندو آهه <u>بڇڙو ئي ڦل</u>، ۴. <u>سنگت آهي بڇڙيءَ</u> کي هر هنڌ ڌڪار.

(ب) سوالن جا جواب:

١. چڱن جي صحبت ۾ ان ڪري گذارڻ گهرجي تہ جيئن ماڻهو چڱا عمل ۽ عادتون سکي.
٢. چڱن جي صحبت ۾ رهڻ سان عزت ۽ شان وڌندو آهي.
٣. سنگت مان ماڻهو عادتون، ڪم وغيره سکندو آهي.
۴. بُرن جي سنگت مان ماڻهو بريون عادتون پرائيندو آهي.

## قواعد:

اڳياڙي ۽ پڇاڙي وارا حصا بورڊ تي پڙهايو.

(ج) اڳياڙي ۽ پڇاڙي جا پنج لفظ ٺاهي ڏيکاريو.

١. پيارن ٢. يارن ٣. ٻارن ۴. تارن ۵. غارن

(د) نظم مان ڇا سکيو: چڱي صحبت يعني سٺن دوستن ۽ سٺن ماڻهن سان گڏ رهڻ. چڱي صحبت انسان جي عادتن ۽ سوچ کي سٺو بڻائي ٿي. جيڪڏهن اسين سچ ڳالهائيندڙ، مددگار ۽ محنتي ماڻهن سان گڏ رهنداسين تہ اسين بہ اهڙا ئي بڻجي وينداسين. خراب صحبت انسان کي غلط رستي تي وٺي وڃي ٿي. چڱي صحبت ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن ۽ عزت سان ڳالهائيندا آهن. اسڪول، گهر ۽ پاڙي ۾ سٺن دوستن سان گڏ رهڻ سان زندگي خوش ٿيندي آهي. تنهنڪري هميشہ اهڙن ماڻهن سان گڏ رهڻ گهرجي، جيڪي سچائي، محنت ۽ نيڪيءَ جو سبق ڏين.

## سرگرمي:

- ڏنل سرگرمي ۾ مٿي ڏنل پيراگراف غلط پڙهو ڏسو ٻار ڇا ٿا چون. پوءِ ٻارن کي سمجهايو.

# سبق يارهون

## اسان جو "سجُ"

### سکيا جي حاصلات:

- مڪالمن جي تناظر کي ڏسي تاثرات ۽ درست ادائگي سان پڙهي سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي تبديل ڪري سگهي.
- روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ بجلي، گئس ۽ پاڻي جي درست استعمال جي آگاهي حاصل ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۳۱-۳۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۱ تي ڏنل سبق اسان جو "سج" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو يارهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن تہ استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. سبق ٻارن کان بہ هڪ ڀيرو پڙهائي
- ٻارن کي سج بابت تفصيل سان ٻڌايو تہ سج کانسواءِ زندگي ناممڪن آهي. ڪا شيءِ جيئري نہ رهي سگهندي. سج جي روشني تِص پوکون پچن ٿيون. گل ڦل، وڻ ۽ ٻيا ٻوٽا ٿين ٿا. جيڪي سڀني ساهوارن جي حياتي لاءِ ضروري آهي. سج نہ هجي هان تہ موسمون بہ نہ ٿين ها. ٻيا تفصيل بہ ٻڌايو.
- ٻڌايو تہ شاگرد سرگرمي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا، پاڻي، بجلي ۽ گئس جي استعمال تي ڳالهائيندا.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. سج ۲. پاڻي ۳. پوکون ۴. برسات

(ب) سوالن جا جواب:

۱. سج جي روشني تمام تيز آهي، تنهنڪري ان ڏانهن نهاري نہ سگهندا آهيون.
۲. سج جي روشني ۽ گرميءَ مان سڀ حياتي ممڪن آهي. ان جا سڀ اهي فائدا آهن.
۳. سج جا ڪرڻا جڏهن سمنڊ تي پون ٿا تہ پاڻي ٻاڦ ٿي اڏامي ٿو بادل ٺهن ٿا، پوءِ اُهي برسات وسائن ٿا.
۴. جبلن تي پيل برف ڳري ٿي، جيڪا پاڻي ٿي درياهہ وهن ٿا.

## قواعد:

(ج) مذڪر جملن کي مؤنث ۽ مؤنث جملن کي مذڪر ۾ مٽايو.

١. هوءَ سچي ماڻهو آهي.
٢. ڏاڏو ڪتاب پڙهي رهيو آهي.
٣. مالڻ پنهنجو وقت ڪم تي ڪندي آهي.
٤. هي ڇوڪرو ڏاڍو ذهين آهي.

(د) جملي ۾ بي ترتيب اکرن کي ترتيب:

١. اسان سج ڏانهن نهاري نه سگهندا آهيون.
٢. سج باهه جو هڪ گولو آهي.
٣. پاڻي به سج جي گرميءَ مان حاصل ٿئي ٿو.
٤. الله تعاليٰ ڏينهن کي ڪم ڪرڻ لاءِ ٺاهيو آهي.
٥. الله تعاليٰ رات کي آرام ڪرڻ لاءِ ٺاهيو آهي.

(هه) سج مان ڪهڙا فائدا ٿين ٿا، هڪ پيراگراف لکو:

- سج اسان لاءِ تمام اهم آهي. سج جي روشني سان ڏينهن ٿئي ٿو ۽ اسان کي گرمي ملي ٿي. سج ٻوٽن کي وڌڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ۽ ٻوٽا آڪسيجن ٺاهين ٿا، جيڪا اسان جي ساهه کڻڻ لاءِ ضروري آهي. سج مان اسان کي وٽامن ڊي به ملي ٿي جيڪا هڏن کي مضبوط بڻائي ٿي. سج کان سواءِ زندگي ممڪن نه آهي.

(و) سج نه هجي ها ته ڇا ٿئي ها؟ لکڻ جي اِها سرگرمي ٻارن کان ڪرايو

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٣٤ تي سرگرمي شاگردن کان ڪرايو. ٻارن جون ٽي ٽوليون ٺاهيو هر ٽولي کي گئس، بجلي ۽ پاڻي جي بچت جا طريقا ڪاپي ۾ لکي، ڪلاس اڳيان تفصيل سان سمجهائڻ جو چئو.

## سبق ٻارهون

### سچل سرمست

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت پڙهي پنجن مان ڇئن تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- لکڻين ۾ مرڪب لفظن جو استعمال ڪري سگهي.
- جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي تبديل ڪري سگهي.
- پنهنجي اسڪول ۽ پاڙي جي لائبريريءَ مان پنهنجي پسند جا رسالا ۽ ڪتاب وٺي، پڙهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۳۵-۳۷

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۵ تي ڏنل سبق "سچل سرمست" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٻارهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.) جڏهن سڀ شاگرد سبق کولي سامهون رکن ته استاد ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. سبق ٻارن کان به هڪ ڀيرو پڙهائي، سندن اُچار درست ڪرائي.
- ٻارن کي سچل سرمست بابت تفصيل سان ٻڌايو. جيئن سنڌ ۾ ڪيترائي صوفي فقير ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن. اسان شاهه لطيف بابت به پڙهيو هو. تهڙي ريت سچل به هڪ وڏو شاعر ۽ الله جو ٻانهو هو. هن سچ ڳالهائڻ، خدا ۽ ان جي مخلوق سان پيار ڪرڻ جو درس ڏنو. ٻيا تفصيل جهڙوڪ شاعري وغيره به ٻڌايو.
- ٻارن کان سبق جي سمجهه جاچڻ لاءِ سبق مان سوال ڪريو زباني جواب پڇو.
- شاگردن کي مرڪب لفظن بابت ٻڌايو. مرڪب لفظ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ڀاڱن (مفرد لفظن) مان جُڙي ٿو ۽ هر هڪ ڀاڱي جي ڌار معنيٰ سان گڏ ٻنهي جي گڏيل معنيٰ به ٿئي ٿي. جنهن جا مثال هفت زبان، سرمست وغيره
- سوال جواب وٺڻ کانپوءِ شاگردن کي چئو ته هو گهر مان سچل سرمست جي سنڌي ۽ سرائڪي بيت لکي، ايندڙ پيرڊ ۾ ٻڌائن. ٻئي پيرڊ ۾ سڀني شاگردن کان سراسري طور پڇا ڪجو ته هو ڪهڙا بيت لکي آيا آهن.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. خواجا عبدالحق ۲. سنجيده ۳. سچل جو رسالو ۴. "درازا"


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

۰۱ سن ۱۱۵۲ هجري ۱۷۳۹ع ۾ پيدا ٿيو.

۰۲ ڇهن سالن جو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو.

۰۳ سچل سرمست جي پرورش سندس ڏاڏي ۽ چاچي ڪئي.

۰۴ سچل سرمست ننڍي لاڪون خاموش ۽ سنجيده شخصيت رکندو هو.

## قواعد:

(ج) مذڪر جملن کي مؤنث ۽ مؤنث جملن کي مذڪر ۾ مٽايو.

۰۱ هو اچي رهيو آهي　　　۰۲ پارس پنڌ ڪري ٿي.

۰۳ منهنجو ٻلو پيارو آهي.　　　۰۴ گهوڙي پاڻي پيئي ٿي.

(د) سچل سرمست تي پئراگراف، مرڪب لفظن جي مدد سان.

سچل سرمست سنڌ جو وڏو شاعر ۽ صوفي هو. هن محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو. سچل ستن زبانن ۾ شاعري ڪئي، جنهنڪري کي هفت زبان شاعر چيو وڃي ٿو. هن سدائين سچ ڳالهائڻ جو درس ڏنو. هو تصوف جو قائل هو ۽ سيني کي هڪ جهڙو ڀائيندو هو. سچل سرمست جو پيغام اڄ بہ ماڻهن کي سچ ۽ محبت وارو رستو ڏيکاري ٿو.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ۳۷ تي شاگردن کان سرگرمي ۾ شاگردن کي لائبريري ۾ وٺي وڃو اتي سچل سرمست جو رسالو ڪڍي ڏيکاريو. پوءِ شاگرد چار ٽولين ۾ ورهائجي وڃن. هر هڪ ٽولي رسالي مان ڪو بيت ڪڍي، ۽ لائبريري ۾ ئي سيني کي بيت ۽ ان جي سمجهاڻي ٻڌائي.

## سبق تيرهون

# ڪمپيوٽر

### سکيا جي حاصلات:

- هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ۷۰ لفظ درست ادائگي ۽ اچار سان پڙهي سگهي.
- مڪالمن جي تناظر ڪي ڏسي تاثرات ۽ درست ادائگيءَ سا پڙهي سگهي.
- پنهنجي لکڻين ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي.
- حرف جر کي سمجهي، درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۳۸-۴۰

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۳۸ تي ڏنل سبق "ڪمپيوٽر" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو تيرهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۳ تي ڏنل آهن.)
- هي پيرڊ ڪمپيوٽر ليب ۾ وٺو ۽ ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو. استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. پڙهڻ دوران ڳالهہ ٻولهہ واري انداز جو خيال رکي ۽ ان کانپوءِ شاگردن کي خاموشي سان هڪ پيرو پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- ٻارن کي ٻڌايو تہ اڄ ڪلهہ جي دؤر ۾ هر ڪم ڪمپيوٽر جي مدد سان ٿي رهيو آهي. اسڪولن ۾ توهان جي رزلٽ، ڪيترا پاس ٿيا، ڪيترا نہ ٿيا، حساب ڪتاب، اسپتالن ۾ ڪمپيوٽر جي مدد سان علاج بہ ٿئي ٿو. ٻيا گهڻا ڪم ڪمپيوٽر تي ٿين ٿا.
- ٻارن کان سبق جي سمجهہ جاچڻ لاءِ سبق مان سوال ڪريو. زباني جواب پڇو.
- ڪمپيوٽر ڇا آهي؟ ان سان ڇا ٿئي ٿو؟ ڪمپيوٽر جا ڪهڙا ڪهڙا حصا آهن؟ ڇا توهان وٽ آهي وغيره؟
- شاگردن کي حرف جر جي وصف ٻڌايو: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ڪنهن اسم يا ضمير جي پنيان اچن ۽ جملي ۾ اڳئين لفظ جو صحيح مطلب ظاهر ڪن. مثال ماڻهو يٽ <u>تي</u> وينو آهي. هي ڪتاب ابراهيم <u>جو</u> آهي.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ڪي بورڊ، مائوس، ۽ اسڪينر.

۲. پرنٽر، مانيٽر، ۽ اسپيڪر.

۳. اسٽور يا گڏ ڪرڻ جي.

۴. اسٽور يا گڏ.

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪمپيوٽر بجلي تي هلندڙ مشين آهي، جيڪا مختلف ڪمن کي سولو ڪري ٿي.
٢. اهڙي معلومات جيڪا ڪمپيوٽر کي فراهم ڪندا آهيون ان کي input چوندا آهيون.
٣. جيڪا ڄاڻ يا معلومات اسان کي ڪمپيوٽر ڏئي، تنهن کي آئوٽ پٽ چوندا آهيون.
٤. جڏهن اسان ڪمپيوٽر کي ڄاڻ ڏيندا آهيون ته هو ان تي ڪم ڪرڻ شروع ڪندو آهي، اها پروسيسنگ آهي.

## قواعد:

حرف جر جي معنيٰ ڪتاب مان ٻه پڙهايو.

- اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ڪنهن اسم يا ضمير جي پنيان اچن ۽ جملي ۾ اڳئين لفظ جو صحيح مطلب ظاهر ڪن. مثال ماٺهو پيت تي وينو آهي. هي ڪتاب ابراهيم جو آهي.

(ج) حرف جر جا جملا:

١. ڪانءُ پيت تي وينو آهي.
٢. سارنگ ڪٽ وٽ وينو آهي.
٣. انب وڻ ۾ لڳل آهي.
٤. ڪمپيوٽر ليب ۾ پيو آهي. پاڻي جڳ ۾ آهي.
٥. پاڻي جڳ ۾ آهي.

(د) ڪمپيوٽر تي پئراگراف، بيهڪ جي نشانين جو خيال رکندي.

- ڪمپيوٽر هڪ اهڙي جديد مشين آهي، جيڪو انسان جي ڪم کي آسان بڻائي ٿي. ان ذريعي لکڻ، پڙهڻ، ڳڻپ ڪرڻ، تصويرون ڏاهڻ ۽ دنيا سان رابطو ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. ڪمپيوٽر اسڪولن، آفيسن، اسپتالن ۽ گهرن ۾ استعمال ٿيندو آهي. ان جي مدد سان ماڻهو وقت ۽ محنت بچائين ٿا. ڪمپيوٽر اڄ جي دور ۾ اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي ويو آهي. ڇا توهان جي گهر ۾ ڪمپيوٽر آهي؟

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٤٠ تي سرگرمي ۾ ڏنل پئراگراف شاگردن کان پڙهايو موبائل يا گهڙيال ۾ وقت ڏسو ۽ هڪ منٽ پورو ٿئي ته شاگرد کي ويهاريو. ان ڳالهه جو خيال رکو ته هو درست ادائگي ۽ لهجي سان پڙهي رهيو آهي، بيهڪ جي نشانين جو خيال ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح هي پڙهڻ جي سرگرمي ڪرايو.

## سبق چوڏهون

# پيارو پاڪستان

### سکيا جي حاصلات:

- مرڪب لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ٻڌي، سمجهي سگهي.
- مرڪب لفظن جي معنيٰ ۽ مفهوم ٻڌائي سگهي.
- روزمره جي موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ذهن کان پندرنهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مضمون لکي سگهي.
- جملي ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۴۱-۴۲

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۱ تي ڏنل سبق ”پيارو پاڪستان“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو چوڏهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.)
- ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي نظم پڙهايو.
- استاد وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئه سان سبق پڙهي ٻڌائي. پڙهڻ دوران ڳالهه ٻولهه واري انداز جو خيال رکي ۽ ان کانپوءِ شاگردن کي خاموشي سان هڪ ڀيرو پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- ٻارن کان پاڪستان جي باري ۾ ڏار ڏار سوال ڪريو. سبق جي سمجهه جاچڻ لاءِ سبق مان سوال ڪريو زباني جواب پڇو.
- مرڪب لفظ پڙهايو: جيڪو ٻن مفرد لفظن سان ٺهي هڪ لفظ ٺئي. جيئن اَ مُلهه (امُلها)، بي وفا، هر دم.
- فعل: جيڪو ڪم ٿئي ٿو. (عمل). مثال: علي پڙهي رهيو آهي. (هتي پڙهي رهيو آهي فعل آهي)
- فاعل: جيڪو ڪم ڪري ٿو (ڪرندڙ). مثال: علي ڪتاب پڙهي رهيو آهي. (هتي علي فاعل آهي)
- مفعول: جنهن تي ڪم ٿئي ٿو (مُتاثر). مثال: علي ڪتاب پڙهي رهيو آهي. (هتي ڪتاب مفعول آهي)
- ياد رکجو: فاعل = ڪم ڪندڙ، فعل = ڪم، مفعول = جنهن تي ڪم ٿئي.

### مشق:

(الف) سٽون (مصرع) مڪمل ڪريو.

۱. منهنجو وطن ٿو جڳ ۾ سونهي،
۲. جيءُ جيارو پاڪستان.
۳. ساهه انهيءَ تان گهوري ڏيندس.
۴. يا رب پنهنجي فضل سان هر دم، رک سوڀارو پاڪستان.

(ب) سوالن جا جواب:

١. شاعر چئي ٿو تہ منهنجو ملڪ پاڪستان سونهن وارو ۽ پيارو آهي.

٢. شاعر پنهنجي وطن تان پنهنجي زندگي گهورڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو.

٣. شاعر دعا گهري ٿو تہ وطن کي هميشہ سوڀارو يعني ڪامياب رک.

## قواعد:

فعل، فاعل ۽ مفعول پڙهايو.

(ج) فعل، فاعل ۽ مفعول جا جملا:

- فعل: صابر ڳائي ٿو. دادن نچي ٿو.
- فاعل: گهوڙي (گهوڙي فاعل آهي) گاهہ کاڌو. نرمل (نرمل فاعل آهي) لَسي پيتي.
- مفعول: مان ڪتاب (ڪتاب مفعول آهي، چاڪاڻ تہ ان تي ڪم ٿئي ٿو.) پڙهان ٿو. هاري فصل پوکي ٿو. (فصل)

(د) پيارو پاڪستان: منهنجو ملڪ پاڪستان آهي، جيڪو منهنجو فخر آهي. پاڪستان ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع تي آزادي حاصل ڪئي. اسان جو ملڪ قدرتي سهڻن نظارن سان ڀريل آهي. هتي جبل، درياهہ، ريگستان ۽ سمنڊ سڀ ڪجهہ آهن. هي ملڪ اسان سڀني لاءِ هڪ وڏي گهر جيان آهي. پاڪستان جا ماڻهو محنتي، دل سان سچا ۽ مهمان نواز آهن. اسان جو قومي جهنڊو سائي ۽ اڇي رنگ جو آهي، جيڪو امن ۽ ڀائپي جي علامت آهي. پاڪستان اسان کي پڙهڻ، وڌڻ ۽ پنهنجا خواب پورو ڪرڻ جا موقعا ڏئي ٿو. اسان کي پنهنجي ملڪ سان دل سان پيار ڪرڻ گهرجي. ملڪ جي اڳواڻن جي ذميواري آهي تہ هو هر شهري کي انصاف ۽ عزت واري زندگي ڏيڻ ۾ مدد ڪن. اهڙي طرح ملڪ جي حفاظت ڪرڻ هر شهري جو فرض آهي. پاڪستان ۾ ڪيترائي خوبصورت شهر ۽ ڳوٺ آهن. پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ اسلام آباد آهي. سنڌ بلوچستان ۾ سمنڊ، پنجاب ۾ خوبصورت ٻنيون ۽ درياءَ، جڏهن تہ خيبرپختونخوا ۾ جبل آهن. ملڪ جو مستقبل اسان ٻار آهيون، جيڪي ان کي روشن بڻائينداسين، جيڪڏهن اسان کي سٺي تعليم ڏني ويندي. جيڪڏهن اسان محنت ڪنداسين تہ پاڪستان هميشہ مضبوط ۽ سرسبز رهندو.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ٤٢ تي سرگرمي ۾ استاد سڀ کان پهريان مرڪب لفظن جا ڪارڊ ٺاهي، هڪ لفظ ڌار ڌار ڪري، تہ جيئن ڳنڍائي مرڪب لفظ ٺهن. گهڻ گهرو: گهڻگهرو. مارا ماري: پاڻ پيرو، ڏک سک، مهمان +نواز مهمانواز ڪم + ڪار. عيدگاهہ عيد + گاهہ.
- شاگردن جون ٽي ٽوليون ٺاهيو. پوءِ هر هڪ ٽولي کي پنج پنج مرڪب لفظن جا ڪارڊ ڏيو. جيڪا ٽولي تڪڙو ڳنڍ ڪري ويندي، اُها لفظن جي معنيٰ ٻڌائيندي، جيڪا ٽولي صحيح ٻڌائيندي ان لاءِ سڄي ڪلاس اڳيان تاڙيون وڄايو.

# سبق پندرهون

## قرباني جي عيد

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت پڙهي ان جو بنيادي خيال ۽ عنصر بيان ڪري سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ضمير متڪلم، حاضر ۽ غائب جي لفظن کي سمجهي ۽ ان جو جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- ماحول ۽ سماجي واقعن بابت پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۴۳-۴۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۳ تي ڏنل سبق "قرباني جي عيد" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو چوڏهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي نظم پڙهايو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. پڙهڻ دوران ڳالهہ ٻولهہ واري انداز جو خيال رکي ۽ ان کانپوءِ شاگردن کي خاموشي سان هڪ ڀيرو پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- ٻارن کان پڇو تہ هو ڪهڙيون ڪهڙيون عيدون ملهائيندا آهن. ڪهڙي عيد ڇا جي ڪري ملهائي ويندي آهي. تفصيل سان جواب ٻڌڻ کانپوءِ هيٺين ڄاڻ ٻڌايو. هن سبق جو بنيادي خيال ۽ عنصر ڇا آهي؟ قرباني، عيد.
- قربانيءَ جي عيد بابت ٻڌايو: قرباني جي عيد حضرت ابراهيم عليہ السلام جي ياد ۾ ملهائي ويندي آهي. جن پنهنجي خدا لاءِ قرباني ڏيڻ جو مثال قائم ڪيو هو. هن ڏينهن تي ماڻهو پنهنجي وس آهر ڍور، ٻڪريون يا اٺ قربان ڪندا آهن. قربان ڪيل گوشت پنهنجن مٽن مائٽن، پاڙيسرين ۽ غريب ماڻهن ۾ ورهايو ويندو آهي. هي عيد اسان کي پيائپي ۽ قرباني جي اهميت سيکاري ٿي.
- ضمير پڙهايو: ضمير جي معنيٰ ۽ مفهوم ڪتاب ۾ ڏنل آهي، اُتان ٻهريان پاڻ پڙهي، پوءِ شاگردن کي پڙهايو ۽ ان جي مشق بہ حل ڪرايو.

### مشق:

(الف) صحيح غلط

۱. ✗ ۲. ✓ ۳. ✓ ۴. ✗


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. قربانيءَ جي عيد هر سال ذوالحج مهيني جي ڏهين تاريخ ملهائي ويندي آهي.
٢. الله تعاليٰ حضرت ابراهيم کي حڪم ڏنو تہ هو پنهنجي پياري شيءِ کي قربان ڪري.
٣. قرباني جي گوشت جا ٽي حصا يا ڀاڱا ڪيا ويندا آهن. (هڪ پنهنجي، ٻيو مٽ مائٽ، ٽيون غريبن لاءِ.
۴. عيد الاضحيٰ سان ۾ قرباني جو جذبو پيدا ڪري ٿي.

## قواعد:

(ج) ضمير ۽ ان جا قسم پڙهايو.

- ضمير متڪلم: آئون ڪتاب پڙهيو. اسان اسڪول وڃون ٿا.
- ضمير حاضر: ڇا هي ڪتاب توهان جو آهي؟ گاهہ ڪاڏو. ڇا.
- هي قلم تنهنجو آهي؟
- ضمير غائب: اهي ٻني تي ويا. هو پنهنجي گهر ويو آهي.

(د) قرباني جي عيد جو حال احوال: پوئين سال جي عيد قربانيءَ وارو ڏينهن مون لاءِ ڏاڍو خوشيءَ جو ڏينهن هو. صبح جو اسان سڀني نوان ڪپڙا پاتا ۽ گڏجي عيد جي نماز پڙهي هئي. ان کان پوءِ بابا قرباني لاءِ ٻڪري آندي، جيڪا اسان سڀني کي وڏي وڻي. قرباني وقت سڀ ٻار خوش ٿي رهيا هئا تہ اسان قرباني پيا ڪريون. پوءِ بابا ۽ امڙ گڏجي گوشت پڇايو ۽ منهنجي وڏي ياءُ بہ ڪاڏي پچائڻ ۾ مدد ڪئي. گهر ۾ سڄو ڏينهن مائٽ ۽ پاڙيسري ايندا رهيا. گوشت ورهايوسين ۽ گڏجي کلندا ڳالهائيندا رهياسين. اهو ڏينهن آئون نہ وساري سگهندس، ڇاڪاڻ تہ اهو پيار، پائپي ۽ گڏجڻ جو ڏينهن هو.

## سرگرمي:

- صفحي نمبر ۴۵ تي سرگرمي ۾ استاد سڀ کان شاگردن جون ٽي ٽوليون ٺاهي.
- پوءِ هر هڪ ٽولي کي چئي تہ هو قربانيءَ کانپوءِ جيڪو گند ڪچرو، ٻيو جانورن جو فضلو هوندو آهي، ان کي ڪٿي ڦٽو ڪرڻ گهرجي، صفائيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ شاگرد پهريان پاڻ ۾ سوچي صلاح ڪن، پوءِ ٽولين جي صورت ۾ ڪلاس اڳيان ٻڌائن. استاد سندن اصلاح ڪري، جيڪڏهن صحيح نہ ٻڌائن، ۽ سندس حوصلا افزائي ڪري.

## سبق سورهون

# سنڌي ٻوليءَ جي اهميت

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت ۾ آندل نون لفظن جي درست معنيٰ لغت مان ڳولي، پڙهي سگهي.
- مفرد ۽ مرڪب جملا زمانن مطابق بدلائي سگهي.
- ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ دوست ڏانهن تعليم جي موضوعن تي خط لکي سگهي.
- پنهنجن خيالن ۽ جذبن کي مثبت انداز ۾ پيش ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۴۶-۴۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۶ تي ڏنل سبق "سنڌي ٻوليءَ جي اهميت" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو سورهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کي خاموشي سان هڪ ڀيرو پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- ٻارن کان پڇو ته ٻولي ڇا آهي؟ ان جي ضرورت ڇو پوي ٿي؟ سنڌي ٻولي ڪيتري پراڻي آهي؟ ڪهڙي تهذيب جا ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائيندا ۽ لکندا هئا؟ جديد دور ۾ سنڌي ٻولي تي ڪهڙا ڪم ٿين ٿا؟
- هي سبق سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ آهي. شاگردن کي سنڌي ٻوليءَ بابت مختصر پر اهم ڳالهيون سمجهايو. ان کانپوءِ زباني سوال ڪندي سندن جواب وٺو.
- جي معنيٰ آهي، وقت يا مهل. يعني فاعل جيڪو به ڪم ڪري ٿو اهو ڪنهن مخصوص وقت ۾ ڪري ٿو ۽ ان ڪم جو وقت يا مهل، جيڪو لفظ ڏيکاري ان کي فعل جو زمان سڏيو وڃي ٿو. سنڌي ٻولي ۾ بنيادي طرح فعل جا ٽي زمان آهن. پهريون مؤجوده يا هلندڙ وقت، جنهن کي زمان حال چئبو آهي. ٻيو زمان ماضي جيڪو گذريل وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. ٽيون زمان مستقبل جيڪو ايندڙ وقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو. اهڙي طرح مکيه ٽي زمان آهن.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ادبي ۽ تعليمي ۲. جارج ڪلرڪ ۳. انگريزن ۽ ٻين ڪامورن ۴. ڪمپيوٽر جي حوالي.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. لفظن جو اهڙو مجموعو جنهن وسيلي پنهنجي ٻولي واري ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجي ڳالهہ ۽ مطلب چڱيءَ ريت سمجهائي سگهجي، تنهن کي ٻولي چئجي ٿو.

٢. اڄ جي دنيا ۾ ست هزار (٧٠٠٠) ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

٣. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون اڄ کان ساڍا پنج هزار سال پراڻي سنڌو ماٿري جي تهذيب ۾ کُتل آهن.

۴. عرب سياحن ۽ واپارين جي کوجنا مان خبر پئي آهي تہ سنڌي ٻولي آڳاٽي سنڌ جي ماڻهن وچ ۾ پڙهڻ ڳالهائڻ ۽ لکڻ ويندي هئي. سنڌ جا واپاري ان ۾ لکندا پڙهندا هئا.

## قواعد:

زمان جي وصف ڪتاب مان پڙهايو.

(ج) زمانن جا مثال:

| زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل |
|---|---|---|
| مان پڙهان ٿو. مِنسا ڪيڏي ٿي. | هن خط لکيو هو. | سمير گهر ويندو. |
| هو خط لکي ٿو. | مان پڙهيو هو. منسا ڪيڏي هئي | مان پڙهندس. هو خط لکندو. |
| سمير گهر وڃي ٿو. | سمير گهر ويو هو. | منسا ڪيڏندي. |

(د) سنڌي ٻوليءَ سان محبت بابت ڏهن جملن جو هڪ پيراگراف

مون کي سنڌي ٻولي سان تمام گهڻي محبت آهي، ڇاڪاڻ تہ اها منهنجي ماءُ ٻولي آهي. اها اسان جي سڃاڻپ، تهذيب ۽ ثقافت جو عڪس آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري، ادب ۽ محبت جو هڪ نرالو رنگ آهي. مون کي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ مان سڀ ڪجهہ سمجهندو بہ آهيان ۽ ساڳي ٻوليءَ ۾ اظهاري بہ سگهندو آهيان. سنڌي ٻولي رڳو لفظن جو گڏيل مجموعو نہ پر احساسن جو اظهار آهي. اسان کي پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ اها اسان جي سڃاڻپ آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ لطيف، سچل، سامي جهڙا وڏا شاعر ۽ ڏاها پيدا ٿيا آهن. جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻوليءَ کي زنده رکنداسين، تہ پنهنجي ثقافت بہ محفوظ رهندي. سنڌي ٻولي پنهنجي ڌرتيءَ سان لاڳاپي جي نشاني آهي.

(هہ) پنهنجي والد کي خطُ لکي پنهنجي ڪاميابيءَ جي باري ۾ ٻڌايو.

پيارا بابا سائين،

السلام عليڪم،

اميد اٿم تہ توهان خيريت سان هوندا ۽ امان، ڀائر ۽ ڀيڻرن جو بہ حال سٺو هوندو. مون کي توهان سڀني جي تمام گهڻي ياد ايندي آهي.

بابا، مون کي اها خوشخبري ڏيڻ ۾ وڏي خوشي ٿي رهي آهي تہ مون پنهنجي امتحان ۾ تمام سٺي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. خدا جو شڪر آهي تہ مون هر مضمون ۾ سٺا نمبر حاصل ڪيا آهن. هي سڀ توهان ۽ امان جي دعائن جو نتيجو آهي. مان ڪوشش ڪري رهي آهيان تہ وڌيڪ محنت ڪري مستقبل ۾ بہ توهان جو نالو روشن ڪريان.

امان کي منهنجا سلام ڏجو ۽ انهن کان منهنجي لاءِ دعا گهرڻ لاءِ چئجو. مان جلدي موڪلن ۾ گهر ايندس تہ وڌيڪ ڳالهيون سامهون ڪنداسين.

دعائن ۾ ياد رکجو. توهان جي ڌيءَ، مُنيبا.

موڪليندڙ جو پتو: ماروي هاسٽل، ڪمرو نمبر نمبر ٢١، قائداعظم يونيورسٽي،

اسلام آباد.

وصول ڪندڙ جو پتو:

گهر نمبر ٥، ڳوٺ صابو ٻرڙو،

تعلقو قمبر، ضلعو قمبر-شهدادڪوٽ، سنڌ.

## سرگرمي:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪتل | جَڙيل | لغتون | ڊڪشنريون | ڪارِوَهنوار | ڏنڊو هلت چلت |
| ڪَتب | استعمال | کوجنا | ڳولها، جستجو | | |

## سبق سترهون

# سُني شهري جون خاصيتون

### سکيا جي حاصلات:

- ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻهاڪا ۽ چوڻيون ٻڌي سمجهي سگهي.
- پنهنجي ڳاله ٻوله ۾ چوڻين ۽ ٻهاڪن جو مناسب استعمال ڪري سگهي.
- رواني ءَ سان پڙهڻ دوران بيهڪ جي نشانين جو خيال رکي سگهي.
- پنهنجي روزمره جي ڪمن بابت مربوط پئرا گراف لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۴۹-۵۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۴۹ تي ڏنل سبق ”سُني شهري جون خاصيتون“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو سترهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو. سنو شهري ٿيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ توهان جو ان بابت ڇا خيال آهي؟
- سني شهري لاءِ پنهنجي علائقي ۽ ملڪ جي ڳالهين ۾ حصو وٺڻ گهرجي. سرڪاري ڪمن کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ گهرجي. قانون تي عمل ڪرڻ گهرجي. ظلم خلاف آواز اٿارڻ گهرجي. ڪنهن به ناانصافيءَ کي برداشت نه ڪجي. توهان به اهڙيون صلاحون ٻڌايو جنهن سان ماڻهو سنو شهري بڻجي سگهي؟
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- شهري ڇا ٿيندو آهي؟ سني شهري مان ڇا مراد آهي؟ سني شهري جو ڪي به ٽي خاصيتون زباني ٻڌايو.
- سني شهري جون ڪهڙيون ذميواريون هونديون آهن؟ سنا شهري نه هوندا ته ڇا ٿيندو؟
- سبق کي ڏسو ۽ ٻهريون پنو پڙهو ۽ جتي بيهڪ جون نشانيون لڳل آهن، انهن کي رنگين پينسل سان نشان لڳايو. ٻڌايو ته بيهڪ جو نشانيون ڇو اهم هونديون آهن؟
- ٻهاڪو: شاگردن کي ٻڌايو ته اهڙو مختصر جملو يا لفظ جنهن ۾ ڏاهپ ڀري ڳالهه لِڪل هجي. ٻهاڪا ماڻهن جي سوين سالن جي تجربن مان پيدا ٿيندا آهن، تنهنڪري انهن ۾ سچ شامل هوندو آهي.

## مشق:

(الف) لڪيرن سان جملا مڪمل ڪريو

١. هو قانون جي دائري ۾ رهي پنهنجي زندگي گذاريندو آهي.
٢. پنهنجي ذميوارين کي نهايت ئي سٺي نموني ادا ڪندو آهي.
٣. پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪري ۽ جمهوري عمل کي مضبوط بڻائيندو آهي.
٤. سٺو شهري سدائين حق ۽ انصاف جي ڳالهه ڪندو آهي.
٥. اسان پنهنجي ملڪ جي لاءِ پاڻ کي ”سٺو شهري“ ثابت ڪري ڏيکاريون.

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪنهن ملڪ يا رياست ۾ مستقل رهائش اختيار ڪندڙ کي شهري چيو ويندو آهي.
٢. سٺو شهري قانون جي دائري ۾ زندگي گذاريندو آهي. سدائين حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪندو آهي ۽ پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪندي جمهوري عمل کي شفاف ۽ مضبوط بڻائيندو آهي.
٣. سٺي شهري جون قانون جي دائري ۾ رهي هلت چلت ڪرڻ هوندو آهي.
٤. سٺو شهري ملڪ ۽ معاشري لاءِ سٺو ثابت ٿيندو آهي .

(ج) پهاڪا ۽ انهن جو استعمال

| پهاڪو | معنيٰ | استعمال |
|---|---|---|
| پڇڻا نہ مُنجهڻا | سوال ڪندڙ پريشان ناهن ٿيندا. | چوندا آهن تہ پڇڻا نہ منجهڻا, تنهن ڪري رستو پڇي ٿا هلون |
| دِل ڪوڙي تہ عذر گهڻا | بي ايمان ۽ ڪوڙ کي بهانا گهڻا | ان ماڻهو مان ڪم ڪون ٿيندو دل ڪوڙي تہ عذر گهڻا اٿس. |
| اڳي سو تڳي | جلد ايندڙ فائدي ۾ هوندو آهي. | راجيش تڪڙو امتحال ۾ پهتو تنهنڪري پيپر پورو لکيائين. |

(د) پنهنجي روزاني ڪمن بابت پيراگراف

آئون سوير اٿندو آهيان. پهريان اڌ ڪلاڪ پير پنڌ ڪندو آهيان. پوءِ گهر اچي ڏندڻ ڪري تڙ ڪندو آهيان. نيرن ناهي, ڪائي سڌو اسڪول ويندو آهيان. اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائي, سندن ڪم چڪاس ڪندو آهيان. اسڪول جي استادن سان حال احوال بہ ٿيندا آهن. جيئن اسڪول جا پيرڊ پورا ٿيندا آهن, تہ اسڪول جا ڪم ڪري سڌو گهر ويندو آهيان. منجهند جو آرام ڪندو آهيان ۽ ٿورو ڪائيندو آهيان. شام جو گهر جا ٿورا گهڻا ڪم ڪري, دوستن يارن سان ڪچهري ڪندو آهيان. ان ڪانپوءِ رات جو ڪتاب پڙهندو آهيان ۽ ڪجهہ لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. سمهڻ کان ڪا سٺي لوڪ ڪهاڻي پڙهي پنهنجي دل وندرائيندو آهيان ۽ پوءِ سمهي رهندو آهيان تہ ٻي ڏينهن سوير اٿي سگهان.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سرگرمي:

- ٽي ٽي ٻارن جون ٽوليون ٺاهيو ۽ ”سٺو شهري ڪيئن ٿجي“ تي تقرير تيار ڪري پوءِ ڪلاس اڳيان پيش ڪرڻ جي هدايت ڪريو. پهريان گڏجي تقرير ٺاهيو پوءِ ڪلاس اڳيان ٽولي مان هڪڙو شاگرد تقرير تيار ڪري.
- تقرير جو نمونو: منهنجا پيارا ڪلاس جا ساٿيو
- اسلام اعليڪم. چوندا آهن ته جهڙو راڄ، تهڙو راڄا. جيڪڏهن راڄ يا شهري ذميوار نه هوندا. پنهنجي شهري حقن، جهڙوڪ تعليم، صاف صفائي، اسپتال، روڊن بابت پڇا ڳاڇا نه ڪندا، ته چونڊيل نمائندا، ايم پي اي، ڪائونسلر ۽ وزير توڙي ٻيا وڏا به غير ذميوار رهندا. سٺو شهري ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته نه رڳو ملڪ ۽ شهر جي قانون تي هلجي، پر جي انصاف نه ٿئي، اسان جا حق نه ملن ته ان تي آواز به اٿارجي. ماڻهن سان گڏجي صلاح مشورا ڪري، پنهنجي پاڙي توڙي شهر جي مالڪي ڪجي. سٺو شهري تڏهن ٿي سگهجي ٿو جڏهن پاڻ به ايمانداري ڪري، ۽ ٻين کي بي ايماني، چوري، ڪرپشن وغيره ڪرڻ نه ڏجي. سٺو شهري تڏهن ٿي سگهجي ٿو جڏهن پنهنجون ذميواريون ۽ فرض ايمانداري ۽ سچائي سان پوريون ڪجن. پر جيڪڏهن ٻيو ڪو نه ڪري ته ان کان به پاڙي ۽ شهر جي ماڻهن سان ملي، پڇاڻو ڪجي. سٺو شهري ايماندار ۽ سچو هوندو آهي، هو سچ چوڻ کان ڪڏهن به گهبرائيندو يا ڪيٻائيندو ناهي، پوءِ ڀلي اڳيان ڪو وڏيرو هجي، آفيسر يا ڪو فوجي هجي، حق سچ چوڻ هڪ سٺي شهري مٿان فرض آهي.

## سبق ارڙهون

### برسات

### سکيا جي حاصلات:

- نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- نظم بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ بدلائي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- آڪاڻين ۽ نظمن ۾ ڏنل فطري منظرن، ڪيفيتن ۽ حالتن تي پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۵۲-۵۳

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵۲ تي ڏنل نظم ''برسات'' کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ارڙهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو. برسات ڇا هوندي آهي؟ ڇا توهان ڪڏهن برسات ڏٺي آهي، ان وقت ڪيئن محسوس ٿيندو آهي ۽ ڇا ڇا ٿيندو آهي؟
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ نظم سُر سان پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- نظم پڙهڻ کانپوءِ سبق جي باري ۾ سوال ڪري ته: برسات جي موسم ڪهڙي هوندي آهي؟ برسات ۾ ڇا جو آواز ٻڌبو آهي؟ برسات جا ڪهڙا فائدا آهن؟ برسات يا مينهن ۾ اسانکي ڇو مزو ايندو آهي، ٻُڌايو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته برسات اسان جهڙي ملڪن لاءِ تمام ضروري آهي، جيڪڏهن ناهي پوندي ته نقصان ٿيندو آهي، فصل ناهن ٿيندا، گرمي وڌندي آهي، پاڻي کُٽي ويندو آهي. برسات جو نقصان اسان جي پنهنجي غلط منصوبابندي سبب ٿيندو آهي، ان ۾ برسات جو ڏوهه ناهي، ڳاڪاڻ ته شهرن ۾ جيڪڏهن برسات سان نقصان ٿئي ٿو ته غلط منصوبا، روڊ رستا غلط طريقي سان ناهڻ ۽ صحيح اپاءَ نه وٺڻ ڪري ٿين ٿا. برسات ته قدرت جي وڏي نعمت آهي. برسات ڪيڏي نه وڻندڙ هوندي آهي، ڌرتي سائي ٿي ويندي آهي.
- شاگردن کي واحد جمع بابت ٻڌايو. مشق هيٺ حل ٿيل ڏنل آهي.

### مشق:

(الف) مصرعَ مڪمل ڪريو.

۱. عجب اسرار اولهه پار ٿي ويو، تجليءَ جا ڪيا وِڄ واهه وارا.

۲. پوي مينهن ٿو نَيون نارا وهن ٿا، سندس ساراهه آهي جا ٻجا جي.



OXFORD
UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

۱. برسات جي موسم سانوڻ جي مُند آهي، جڏهن ڪڪر ڪارا ايندا، هر پاسي مينهن وسندا آهن.

۲. برسات ۾ ڪڻ ڪڻ ۽ ڪنڊوڻ ۽ گروڙين جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن.

۳. برسات ۾ آسمان ۾ ڪنوڻ جو چمڪو ٿيندو آهي.

۴. پکين پيپر ڪنديريا، لاٽ ٻولي، خدا جي شڪر ۾ تن ڇنڀ ڪولي، اِهي سٽون وڻن ٿيون.

## قواعد:

(ج) واحد جمع ۽ انهن جو جملن ۾ استعمال

| واحد | جمع | استعمال |
|---|---|---|
| صوف | صوفَ | مان هڪ صوفُ ڪائيندي آهيان پر ادا ٻه صوفَ ڪائيندو آهي. |
| ڳيرو | ڳيرا | اَنَ جا داڻا ڏسي پهريان هڪ ڳيرو آيو پوءِ گهڻا ڳيرا اڏامي آيا. |
| تارو | تارا | . صبح ڏٺم ته هڪڙو تارو بينو هيو ٻيا تارا نظر نه پئي آيا. |
| ڇوڪرو | ڇوڪرا | منهنجي ڪلاس جو هڪ ڇوڪرو هوشيار آهي، ٻيا ڇوڪرا ڪم جا ناهن. |
| ڪرسي | ڪرسيون | هڪ ڪرسي ڪٽي آيس پر گهڻين ڪرسين جي ضرورت هئي. |
| ٻڪري | ٻڪريون | هڪ ٻڪري ڪير ڏئي ٿي، ٻيون ٻڪريون ڏُڪيون آهن. |
| ڪمرو | ڪمرا | منهنجو ڪمرو ننڍو آهي، گهر جا ٻيا ڪمرا وڏا آهن. |
| خوشي | خوشيون | زندگي ۾ گهڻيون خوشيون ڏٺيو آهن پر ڪاميابي جهڙي ٻي خوشي ناهي. |

(د) برسات جي موسم بابت پيراگراف

برسات جي موسم ۾ مان هلڪا ڪپڙا پهري ان جي هينان بيهندو آهيان. ڏاڍو مزو ايندو آهي. بابا وارا ٻنيءَ ڏانهن ويندا آهن، پاڻي اچڻ تي خوش ٿيندا آهن. برسات ۾ اسان جون ڳئون ۽ ٻڪريون به خوش ٿينديون آهن. امان جي چوڻ تي ڪائيون اندر ڪمري ۾ رکندا آهيون ته جيئن پوءِ باهه ٻاري چانهه ناهي سگهون. مينهن جو پاڻي وڌندو آهي ته منهنجو ياءُ ڪاغذ جي ٻيڙي ناهي ان ۾ تاريندو آهي. ان دوران گرمي گهٽ تي ويندي آهي. هر پاسي کان ٿڌي هوا لڳندي آهي. اسان سڀ ڇوڪريون ڇوڪرا ڪنهن مٿاهين جڳهه تي بيهي برسات جو مزو وٺندا آهيون. ڪنوڻ ٿيندي آهي ته ڪنهن جڳهه ۾ لڪي پوندا آهيون ته متان نقصان ڏئي. وڏن آوازن ۾ مونکي خوف به ٿيندو آهي پر مزو به ايندو آهي.

## سرگرمي:

- شاگردن کان برسات بابت سوال ڪريو ۽ جيڪي ڏار ڏار ڳالهيون هو ٻڌائين، سي بورڊ تي لکندا وڃو. سيني ٻارن کي پوءِ بورڊ تي لکيل ڳالهيون پنهنجي ڪاپيءَ ۾ هڪ مضمون جيان لکڻ جي هدايت ڪريو.

## سبق اوڻيهون

## سياڻو بادشاهه

### سکيا جي حاصلات:

- ڪهاڻي ٻڌي، ان جي ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون ٻڌائي سگهي.
- آکاڻين ۾ موجود ڪردارن جي خوبين ۽ خامين تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.
- آکاڻيون پڙهي ان ۾ موجود ڪردارن جي خوبين ۽ خامين کي بيان ڪري سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم، عجب جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۵۴-۵۶

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۵۴ تي ڏنل سبق "سياڻو بادشاهه" کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو اوڻيهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۴ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو. پوڙهي شخص ڇو پريشان ٿيو ۽ ڏن دولت ورهائڻ جو فيصلو ڪيائين؟ ڏن دولت ڇا ۾ ڪنهن هنڌ پوري ڇڏيائين؟
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- زباني سوال ڪريو: شاهوڪار شخص چار ديڱڙن ۾ ڇا ورهائي رکيو هو؟ انهن ديڱڙن ۾ ڇا ڇا هيو؟ ڪهڙا پٽ ناراض ٿيا ۽ فيصلو ڪرايائون؟ بادشاهه فيصلو ڪيئن ڪيو؟
- شاگردن کي ٻڌايو ته هن ڪهاڻي ۾ پيءُ ڏاهو هو پٽن ۾ برابر سان ملڪيت ورهائي هئائين پر سندس پٽن کي ڳالهه سمجهه نه پئي آئي، تنهن تي پاڻ ۾ وڙهيا. پر بادشاهه عقل کان ڪم وٺندي معاملو صحيح ڪرايو. ان مان سبق ملي ٿو ته تڪڙ ۾ ڪنهن ڳالهه تي تڪرار نه ڪجي، ۽ ڪنهن سياڻي کان صلاح وٺجي.
- ٻٽا لفظ: اهڙا به لفظ جن جي ڌار معني به هوندي آهي پر گڏجي الڳ معنيٰ ڏيندا آهن.
- شاگردن جا جوڙا ناهيو ۽ ڪهاڻي جي بابت ڳالهه ٻولهه ڪردارن جي خامي ۽ خوبي تي ڳالهه ڪرايو.
- ڪهاڻي جي ڪهڙن ڪردار ۾ خوبي هئي، ڪهڙن ڪردارن ۾ خامي، ان تي ڳالهه ٻولهه ڪريو. شاهوڪار شخص ۾ اُها خوبي هئي ته هن ڏاهپ سان ملڪيت برابر ورهائي. جڏهن ته ان جي پٽن ۾ خامي اُها هئي ته هو سندس عقل جي ڳالهه کي پروڙي نه سگهيا. پر بادشاهه جي ڏاهپ واري خوبي ڪين ڪولي سمجهايو ۽ هو سڀ خوش ٿي ويا.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ديڳڙن ۲. ڀاون ۳. تارن ۴. سياڻي ۵. خوش

(ب) سوالن جا جواب:

۱. شاهوڪار شخص کي چار پٽ هئا.
۲. شاهوڪار شخص ملڪيت برابر ورهائڻ جو سوچيو.
۳. پٽڻ کي چيائين تہ توهان چارئي منهنجي اکين جا تارا يعني هڪجيترا پيارا آهيو.
۴. شاهوڪار شخص جي مرڻ بعد انهن ڪٺ جي پاون هيٺان پوريل ديڳڙا ڪڍيا ۽ ملڪيت ورهائين.

## قواعد:

پيراگراف ۾ بيهڪ جون نشانيون:

اسان سڀ انسان آهيون. الله تعاليٰ اسان کي هڪجهڙو پيدا ڪيو آهي, ڪو بہ ڪنهن کان مٿانهون ناهي. اسان کي هڪٻئي جي عزت ڪرڻ گهرجي, ڇو تہ عزت ڪرڻ سان انسان جي شخصيت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيندو آهي. اسان کي ڪنهن سان بہ زيادتي نہ ڪرڻ گهرجي. زيادتي ڪرڻ واري کي الله تعاليٰ پسند نہ ڪندو آهي. ڇا اوهان کي ڪنهن سان زيادتي ڪرڻ وڻندي آهي؟

## سبق جو مرڪزي خيال ۽ ان مان ملندڙ سبق

هي سبق هڪ شاهوڪار شخص جي باري ۾ آهي, جنهن مرڻ کان اڳ پنهنجي دولت برابر ورهائي. پر هن دولت اهڙي طرح برابر ورهائي جو ان ۾ عقل کان ڪم ورتائين. سندس پٽن کي اُها ڳالهہ سمجه نہ آئي ۽ پوءِ پاڻ ۾ تڪرار ڪرڻ لڳا. هڪڙي ڏاهي بادشاهہ ڳالهہ ٻڌي سمجهي ويو ۽ ٻڌايائين تہ سون ۽ هيرا تہ دولت آهي پر مٽي معنيٰ زمين, جيڪا فصل اپائي ٿي, اسان کي اناج ڏئي ٿي. اُها بہ دولت آهي. ساڳي ريت هڏا يعني چوپايو مالُ, جيڪو پڻ هڪ ملڪيت آهي. هن ڪهاڻي مان سبق ملي ٿو تہ ڪا ڳالهہ سمجهہ نہ اچي تہ ان کي ڪنهن ڏاهي ماڻهو ڏانهن کڻي وڃجي, ان کان مدد وٺجي. وڏن جي ڳالهين ۾ ڏاهپ لڪيل هوندي آهي تنهنڪري صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي.

## سرگرمي: ٻنا لفظ

- سوچ ويچار, وڻج واپار, اٺ ويهہ, هيٺ مٿي, اونڌو سونڌو, کير کنڊ, اچ وڃ, ڌنُ دولت, خون خرابا, گهٽ وڌ

## سبق ويهون

# ڪرڪيٽ راند

### سکيا جي حاصلات:

- پنهنجي درجي موجب عبارت خاموشيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- ڪنهن بہ ماڳ جي سير ۽ سفر جو احوال زباني بيان ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۵۷-۵۹

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۵ تي ڏنل سبق ”ڪرڪيٽ راند“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۴۹ ۽ ۵۹ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ ڪانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان بہ هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- زباني سوال ڪريو: رانديون اسان لاءِ ڇو ضروري آهن؟ سنڌ ۾ آڳاٽي دور ۾ ڪهڙيون رانديون ڪيڏيون ويندڻيون هيون؟ توهان پنهنجي پاڙي يا علائقي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون رانديون ڪيڏندا آهيو اُها ڪلاس ۾ کولي ٻڌايو. ڪجھ شاگردن کان تفصيلي جواب وٺو.
- ڪرڪيٽ راند ڪڏهن کان ڪيڏي وڃي ٿي؟ توهان مان ڪير ڪرڪيٽ ڏسندو آهي، عورتن جي ڪرڪيٽ ڪير ڏسندو آهي؟ توهان جي پسند جا رانديگر ڪهڙا آهن، سڀ شاگرد پنهنجا پسند وارا رانديگر ٻڌائن.
- شاگردن جون بہ ٽوليون ٺاهيو ۽ ميدان ۾ وڃي هڪڙي پنج اوورن جي ميچ ڪرايو. ڪلاس ۾ واپسيءَ تي راند جو حال احوال ٻنهي ٽولين کان پڇو. راند جي امپائر جو ڪردار توهان استاد ادا ڪريو.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. ڪپتان ۲. بيٽنگ ۳. ۱۹۹۲ع ۴. ون ڊي

(ب) سوالن جا جواب:

۱. سنڌ ۾ آڳاٽي وقت ۾ اِٽي ڏڪر، ڪوڏي ڪوڏي، ونجھ وٽي ۽ ٻيون رانديون ڪيڏيون وينديون هيون.
۲. ڪرڪيٽ راند ۱۶ هين صدي ۾ انگريزن جي ملڪ ۾ ڪيڏڻ شروع ٿي.
۳. ڪرڪيٽ راند ٻن ٽولين يا ٽيمن وچ ۾ ڪيڏي ويندي آهي.

۴. ڪرڪيٽ رانديگر ۾ يارنهن يارنهن رانديگر هوندا آهن. پر گهٽ رانديڪرن سان بہ کيڏي سگهجي ٿي.

۵. جڏهن بيٽنگ ڪندڙ بال کي ڌڪ هڻندو آهي ۽ اُهو بال ۾ هوا ۾ ئي بالنگ ڪندڙ جو رانديگر جهٽي وٺي تنهن کي ڪيچ آئوٽ چيو ويندو آهي.

(ج) ڪرڪيٽ راند

ڪرڪيٽ راند سورهين صدي ۾ انگريزن جي ملڪ ۾ کيڏي ويندي هئي. جڏهن انگريزن سڄي دنيا تي قبضو ڪيو تہ پاڻ سان ڪرڪيٽ راند بہ کڻي آيا. هت ڪرڪيٽ راند پاڻ ۾ کيڏندا هئا. جڏهن هندستان مٿان حڪومت ڪندا هئا تہ هتان جا ماڻهو بہ اُها راند ڏسي کيڏڻ لڳا. هاڻي تہ هندستان پاڪستان، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن ۾ انگريزن کان هتان جي ملڪن ۾ گهڻي مشهور ٿي وئي آهي. هر صوبي ۽ شهر ۾ اُها راند کيڏي وڃي ٿي. راند ۾ بہ ٽوليون هونديون آهن. ٻئين، واري واري سان بيٽنگ ۽ بالنگ ڪنديون آهن. جيڪا ٽولي يا ٽيم گهٽيون رنسون ناهي، ٻي ٽيم کي اوتريون رنسون ناهڻ ناهي ڏيندي، اُها سوپاري ٽيندي آهي. هن راند ۾ تندرستي گهربل هوندي آهي، ٻڪڻ، طاقت ۽ سمجهہ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ننڍا وڏا هيءَ راند ڪليل ميدانن، گهٽين وغيره ۾ کيڏندا آهن.

## سرگرمي:

ڪلاس کي ٻن ٽولين ۾ ورهايو. ٻنهي ٽولين کي چئو تہ هڪڙي ٽولي ڪرڪيٽ راند ۾ بالنگ ڪرڻ جا اصول ڪلاس اڳيان ٻڌائي، ٻي ٽولي بيٽنگ جا اصول ٻڌائي. پهريان ٻئين ٽوليون سبق کي چڱيءَ ريت پڙهن، ان ڪانپوءِ ڪاپيءَ ۾ اصول جملن جي صورت ۾ لکن، پوءِ ڪلاس اڳيان اچي ٻڌائن. آخر ۾ ٻنهي جي ساراهہ ڪريو.

## سبق اِڪيھون

### قُدرتي آفتون ۽ اَڳواٽ اُپاءَ

### سکيا جي حاصلات:

- آڪاٽي ۾ مضمون پڙهي انهن جي عنصرن کي سمجهي، ۽ نتيجا ڪڍي سگهي.
- بيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم ۽ عجب جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.
- مرڪب جملا لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ٦٠-٦٢

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٠ تي ڏنل سبق ”قُدرتي آفتون ۽ اَڳواٽ اُپاءَ“ کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ايڪيھون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٥ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ سبق پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان ٻه هڪ ڀيرو سبق پڙهايو.
- سوال پڇو: آفتون ڇا ٿينديون آهن؟ آفتن جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟ (زلزلو ٻوڏ، سونامي، گهٽي گرمي، گهٽا مينهن وغيرها) ٻوڏون ڇو اينديون آهن؟ سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ ڪڏهن آئي هئي، ان دوران ڇا ڇا ٿيو هو؟
- قدرتي سببن ڪري اوچتو ٿيندڙ وڏن حادثن کي قدرتي آفت چيو ويندو آهي. ان جا ڪيترائي قسم اسان سبق ۾ پڙهيا. پر سنڌ ۾ گهڻو ڪري ٻوڏ اهڙي آفت آهي، جيڪا ايندي رهندي آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ سنڌو درياهہ وهي ٿو اُهو ڪڏهن ڪڏهن مٿئين علائقن (جهڙوڪ ڪشمير، پنجاب، خيبرپختونخوا) جي دريائن جو پاڻي پاڻ سان کڻي ايندو آهي. هڪ وقت ئي ايترو پاڻي اچڻ ڪري ٻوڏ تي پوندي آهي. شهر توڙي ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويندا آهن. ٢٠١٠ع ۾ ائين ٿيو هو. ٢٠٢٢ع ۾ وري تمام گهڻا مينهَن وسيا هئا، جنهن ڪري سنڌ جي گهڻن علائقن ۾ ٻوڏ تي پئي هئي. ان کان بچڻ لاءِ ڪيترائي اڳواٽ اُپاءَ ورتا ويندا آهن. جيڪي هن سبق ۾ پڻ ٻڌايل آهن. اُهي اڳواٽ اپاءَ ڪنداسين ته نقصان گهٽ ٿيندو.
- هن سبق مان اوهان ڪهڙو نتيجو حاصل ڪيو؟ ڪجهہ شاگرد اٿي بيهي جواب ٻڌائن.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

١. زلزلي. ٢. ڏار. ٣. ٻوڏ. ۴. بي گهر. ۵. اڳواٽ


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

قدرتي سببن ڪري اوچتون پيدا ٿيندڙ وڏن حادثن کي قدرتي آفتون چئجي ٿو.

١. قدرتي آفتن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ اڳوات اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي.

٢. زلزلو زمين ڏٻڻ ڪري ايندو آهي.

٣. زلزلي کي ريڪٽر اسڪيل ذريعي ماپيو ويندو آهي.

٤. زلزلو اچڻ ڪانپوءِ اسان کي زمين تي ليٽڻ گهرجي، گهر ۾ ڪُنڊ ۾ رهڻ گهرجي. ڪچي گهرن، يا ڪمزور عمارتن کان پري رهڻ گهرجي.

## قواعد:

بيهڪ جون نشانيون پڙهايو

(ج) بيهڪ جون نشانيون:

١. ڇا توهان اڄ ڳوٺ ايندا؟

٢. اسڪول ڪهڙي وقت کلندو آهي ۽ بند ڪهڙي وقت ٿيندو آهي؟

٣. مارا! ايڏي وڏي مڇي ڪٿان هٿ ڪئي اٿئي.

٤. شاباس! پٽ ائين ئي محنت ڪندو رهه.

٥. پاڪستان ۾ چار صوبا آهن: سنڌ، بلوچستان، خيبرپختونخوا، ۽ پنجاب.

(د) سنڌ ۾ ٢٠١٠ع ۾ وڏي ٻوڏ آئي هئي. درياءَ ٽٽڻ ڪري وڏو نقصان ٿيو هو. لڳ ڀڳ ٢٠٠٠ ماڻهو پنهنجي زندگي وڃائي هئي. سورنهن لک ماڻهن جا گهر ڊهي پيا هئا. لکين ايڪڙ فصل پاڻي هيٺ اچي ويو هو. هن ٻوڏ سبب ڪيترن ئي ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي روڊن رستن تي پناهه ورتي هئن. پاڻي هر طرف پکڙجي ويو هو. فصل ۽ جانورن کي به جاني نقصان ٿيو هو. ڪيترن اسڪولن ۽ رستن کي به نقصان پهتو هو. حڪومت ۽ ماڻهن گڏجي متاثرن جي مدد ڪئي ۽ کين کين کاڌو ڪپڙا ۽ رهائش جو عارضي بندوبست ڪيو هو.

## سرگرمي:

- ڪلاس ۾ ٻارن جون ٽوليون ٺاهيو. ٽولين کي چئو ته زلزلي اچڻ جي صورت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن؟ استاد شاگردن جي مدد ڪري، پوءِ ڪلاس اڳيان هر ٽولي اڳوات اپائن بابت تفصيل سان ٻڌائي. جيڪا ٽولي سٺي نموني ڄاڻ ٻڌائي، استاد انهن جي ساراهه ڪري ۽ ڪلاس کي به ٻڌائي.

## سبق ٻاويهون

### مزاحيا غزل

## سکيا جي حاصلات:

- حرف جملي سمجهي، درست استعمال ڪري سگهي.
- نظم پڙهي، ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- پنهنجي پسند جون آکاڻيون، نظم، پروليون ۽ لطيفا پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي.

## امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ٦٣–٦٥

## سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٣ تي ڏنل ''مزاحيا غزل'' کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٻاويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٥ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- هاڻي استاد وڏي آواز ۾ مزاحيا انداز ۾ غزل پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ ڀيرو مزاحيا انداز ۾ پڙهايو.
- هن غزل ۾ شاعر مزاحيه طور پتاتي جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. سندس گهر ۾ ڍَهاڙي پتاتو ٺهي ٿو جنهنڪري هو ان کان بيزار آهي.
- توهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو ۽ ڇو؟ توهان مان ڪير
- شاگردن کي چئو ته توهان کي ڪو مزاحيه شعر اچي ٿو ته ڪلاس اڳيان ٻڌايو.
- حرف جملي بابت ٻڌايو: اهڙا لفظ جيڪي جملي ۾ ٻن لفظن يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍين، تن کي حرف جملو چئبو آهي. مثال: ماني کاءُ يا پاڻي پيءُ. صدف، حليمان کي گهرايو ته به هو نه آئي. ليڪ ڏنل لفظ حرف جملو آهن. حرف جملي جا ڪي ٻيا لفظ: ۽، ته، جيڪر، جيڪڏهن، ڇڻ ته، نه ته، جيتوڻيڪ، پڻ، به وغيره

## مشق:

(الف) غزل جا شعر مڪمل ڪريو.

١. گهر ۾ روز پتاتا کائي، مون کي ٿي پئي آهي وائي.

٢. ڪتو اهڙو ڪڏ پيو جو پاڙي وارن جان ڇڏائي.

٣. واتُ مان ٺاهي ٻاهر نڪتس، ڪونه مليو ڪو پڪوڙائي.

(ب) سوالن جا جواب:

١. غزل ۾ شاعر مزاح طور پٽاٽي کان بيزار ٿو لڳي.

٢. هو وات ٺاهي ٻاهر ويو ته جيئن پڪوڙا وٺي کائي سگهي.

٣. مزاحيه شعر ۾ شاعر ڪُتو ڪڍ پوڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

٤. پيلو مُنهن ڪرڻ جي معنيٰ آهي ڪِنو مُنهن ڪرڻ.

## قواعد:

حرف جملو پڙهايو.

(ج) حرف جملي جا لفظ:

١. سمير ۽ عاشر ڪيڏن ٿا. (۽). ٢. ڪتاب پڙهه يا موبائل ڏس. (يا) جي گاڏي ملي ها ته مان وقت تي پهچان ها. (ته)

٢. مان تنهنجي گهر آيو هئس پر تون نه هئين.( پر) ٥. تون وقت تي نه اچين ها ته ڪم نه ٿئي ها. (ته)

(د) مونکي علي گل ملاح وڻندو آهي. هو ڪيترائي مزاحيه ڪردار ادا ڪندو آهي. هو هر ماڻهو جو ڏاڍو ڪل ڏياريندڙ نقل ڪندو آهي. ڳالهيون اهڙي نموني سان ڪندو آهي، سڀ ماڻهو ڪلڻ شروع ٿي ويندا آهن. هو سنڌي جي گهڻن ڊرامن ۾ ايندو آهي. سوشل ميڊيا تي به علي گل ملاح جا گهڻا ڊراما ايندا آهن.

## سرگرمي:

- مزاحيه نظم ٻڌائڻ جو مقابلو ڪرايو. ان لاءِ سڀ شاگردن کي لائبريري وٺي وڃو. شاگردن کي ڪو به ٻارن جو رسالو ڏسڻ جي هدايت ڪريو. هر ٻار رسالي مان مزاحيه نظم، يا ٻيو ڪو پسنديده نظم لکي ڪلاس ۾ اچي ٻڌائي. جيڪو شاگرد مزاحيه نظم ٻڌائن، استاد انهن جي ساراهه ڪري ۽ ڪلاس کي به ٻڌائي.
- ڳُجهارتون: شاگردن جا به ٽولا ٺاهيو ۽ ڳجهارتون پڇڻ جا مقابلا ڪرايو.

## سبق ٽيويهون

## عدُل ۽ انصَافُ

### سکيا جي حاصلات:

- عبارت پڙهي ان جو بنيادي خيال ۽ عنصر بيان ڪري سگهي.
- پنهنجي درجي جي معيار مطابق عبارت (نظر ۽ نظم) پڙهي پنهنجي ۽ سمجهه مطابق سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي روين (سهپ، رواداري، برابري، ٻين جي راءِ جو احترام، امن ۽ هم آهنگي وغيره) جو اظهار ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ٦٦-٦٨

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٦ تي ڏنل سبق (عدل ۽ انصاف) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٽيويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٥ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق کي پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ پيرو سبق کي پڙهايو.
- توهان جي نظر ۾ انصاف ڇا آهي؟ عدل ۽ انصاف نه هوندو ته ڇا ٿيندو؟
- ڇا توهان ڪو مثال ٻڌائي سگهو ٿا، جنهن ۾ عدل ۽ انصاف ٿيو هجي؟
- استاد ٻڌائي ته هي سبق انصاف ۽ برابري جي باري ۾ آهي. عدل جي معنيٰ آهي سڀني سان هڪ جهڙو ورتاءُ يا سلوڪ ڪرڻ ۽ ڪنهن سان به ناانصافي نه ڪرڻ. اهڙي طرح انصاف به هڪ جهڙا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. جتي انصاف نه هوندو آهي، اتي جهيڙا، ناانصافي وڌندي آهي. امن ختم ٿي ويندو آهي. تنهنڪري اسان کي عدل ۽ انصاف جي ڳالهه توڙي عمل ڪرڻ گهرجي.
- شاگردن کي انصاف ۽ عدل جا ٻيا مثال به ٻڌايو.

### مشق:

(الف) لڪيرون ڏئي جملا مڪمل ڪريو.

| | |
|---|---|
| ١. حقن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪنهن | لاءِ به بنيادي حيثيت رکي ٿو |
| ٢. عدل ۽ انصاف جي کوٽ سان | عدل ۽ انصاف جي ضرورت تي زور ڏنو ويو |
| ٣. اهو معاشري جي امن ۽ سلامتي | به حقدار کي ان جو حق ڏيڻ آهي |
| ٤. قرآن مجيد ۾ به ڪيترين ئي آيتن ۾ | سماج ۾ اڻ برابري ۽ ظلم وڌندو آهي |

(ب) سوالن جا جواب:

١. ڪنهن بہ خوشحال معاشري يا ملڪ جي لاءِ عدل ۽ انصاف هجڻ ضروري آهي.

٢. عدُل جي معنيٰ آهي حقن ۽ فرضن جي سلسلي ۾ ڪو بہ فرق نہ ڪرڻ.

٣. انصاف سيني کي هڪ جيترا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ هڪ جيترا حق ڏيڻ آهي.

٤. عدل ۽ انصاف جي کوٽ سان اڻ برابري ۽ ظلم وڌندو آهي.

(ج) جملن مان اسم ۽ ضمير الڳ الڳ ڪري لکو:

١. حسيب گاڏي هلائي ٿو. (اسم: حسيب) ٢. ايمان جو پيپر سنو ٿيو آهي. (ايمان: اسم)

٢. هو اڄ پڪنڪ تي وڃي رهيا آهن. (ضمير: هو) ٤. اوهان ٻنهي کي سالگره جي مبارڪ هجي (ضمير: اوهان)

٣. منهنجو اسڪول پري آهي (ضمير: منهنجو)

(د) عدل ۽ انصاف سان هلڻ سان هر ماڻهو پاڻ کي محفوظ محسوس ڪري ٿو. جيڪڏهن سيني سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪيو وڃي تہ ڪير بہ پاڻ کي گهٽ نہ سمجهي. عدل سان اسڪول، گهر ۽ سماج ۾ سڪون رهندو آهي. انصاف سان ماڻهن ۾ محبت ۽ اعتماد وڌي ٿو. جيڪي ماڻهو انصاف ڪندا آهن، سڀ ان کي عزت ڏيندا آهن. عدل ڪرڻ سان جهيڙا گهٽ ٿيندا آهن. ماڻهو هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن. انصاف ڪرڻ سان خدا بہ خوش ٿيندو آهي. انصاف وارو سماج هميشہ ترقي ڪندو آهي. عدل ۽ انصاف سان رهڻ سيني لاءِ فائديمند آهي.

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| عدل | ڪنهن کي ان جو حق ڏيڻ | پَهلو | پاسو |
| انتشار | ڦوٽ، وڳوڙ | عدم استحڪام | مضبوطي نہ هجڻ |

## سرگرمي:

- برابر ورهاست“ تي هڪ جهڙيون شيون کڻو (جهڙوڪ ٣ پينسلون). ڪلاس کي ٽن ننڍن گروپن ۾ ورهايو. ٻارن کان پڇو: جيڪڏهن مان سڀ شيون هڪ گروپ کي ڏئي ڇڏيان تہ ڇا اهو انصاف ٿيندو؟ پوءِ سيني گروپن کي هڪ هڪ شيءِ ڏيو. ٻارن کان پڇو: هاڻي ڇا سڀ خوش آهن؟ ڇو؟

## سبق چوويهون

# خلقَ جي خِدمت جو جَذبَو

### سکيا جي حاصلات:

- روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ڏهن کان پندرنهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل مضمون لکي سگهي.
- واحد ۽ جمع کي جمع ۽ واحد ۾ بدلائي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.
- اسڪول جي سطح تي منعقد ڪيل تقريبن ۾ ميزبان ۽ مددگار ڪمپيئر جا فرض ادا ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ٦٩ - ٧١

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ٦٩ تي ڏنل سبق (خلق جي خدمت جو جذبو) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو چوويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٥ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- توهان کي ڇا ٿو لڳي هي ڪهاڻي ڇا جي باري ۾ هوندي؟ ٣ کان ۴ شاگردن کان جواب وٺو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق کي پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان به هڪ پيرو سبق کي پڙهايو.
- خلق جي خدمت مان ڇا مراد آهي؟ توهان جي ذهن ۾ ڪي خلق جي خدمت جا ڪي مثال اچن ٿا ته ٻڌائن.
- استاد ٻڌائي ته هيءَ ڪهاڻي هڪ احمد نالي ڇوڪري جي باري ۾ آهي، جيڪو "محبت نگر" نالي ڳوٺ ۾ سيني جي مدد ڪندو آهي. جتي به ڪنهن کي مدد جي ضرورت پوندي آهي، احمد اُتي پهچي ويندو آهي. پيرسن توڙي ننڍن ٻارن جي مدد سان گڏ ٻني ٻاري جي ڪم ۾ به ٻين جي مدد ڪندو آهي. احمد کي ائين ڪرڻ سان تمام گهڻي خوشي ملندي آهي. هن ڪهاڻي مان اسان کي خبر پئي ٿي ته ٻين جي مدد ڪرڻ تمام سٺو گڻ آهي. ٻين جي مدد ڪرڻ جنهن کي خلق خدمت چئجي ٿو-خلق يعني عام ماڻهو- نيڪي جو ڪم آهي.
- شاگردن کي واحد ۽ جمع جا مثال ڪتاب مان پڙهايو.

### مشق:

(الف) جملا مڪمل ڪريو.

١. ڳالهه ڪن ٿا ته ڪنهن زماني ۾ "محبت نگر" ڳوٺ هوندو هو..

٢. هو ان جي ڪاڏي پيتي جو بندوبست ڪندو هو ۽ سار سنڀال به لهندو هو.

۳. ڪوئي ڳوٺ واسي بيمار ٿي پيو آهي تہ هو فوري ان جي عيادت ڪرڻ پهچي ويندو هو.
۴. احمد ڪنهن بہ ڳوٺ جي ماڻهوءَ کي ڏک يا پريشاني ۾ نہ ڏسي سگهندو هو.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. آڳاٽي زماني ۾ "محبت نگر" نالي ڳوٺ قائم هوندو هو.
۲. ڳوٺ ۾ احمد نالي نيڪ مرد مشهور هو.
۳. احمد جي زندگيءَ جو مقصد ٻين جي خدمت يا مدد ڪرڻ هوندو هو.
۴. احمد ماڻهن جي زندگيءَ ۾ هر ضرورت ۾ مدد ڪندو هو.
۵. احمد ڳوٺ ۾ اسڪول کولرايو. استاد کي پگهار تي رکرايائين تہ جيئن ٻار پڙهي سگهن
۶. احمد جي ڪهاڻيءَ مان اسان کي سبق ملي ٿو تہ زندگيءَ جو اصل مقصد ٻين جي ڪم اچڻ آهي.

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل واحد جمع بورڊ تي مثال لکي پڙهايو.

(ج) واحد جمع:

| واحد | جمع |
|---|---|
| رانديگر بال پڪڙي ٿو. | رانديگر بالَ پڪڙن ٿا. |
| ڇوڪري سائيڪل هلائي ٿي. | ڇوڪريون سائيڪلون هلائن ٿيون. |
| ڇوڪرو ٻنيءَ ۾ وينو آهي. | ڇوڪرا ٻنيءَ ۾ ويٺا آهن. |

(د) خلق جي خدمت ماڻهوءَ جو سڀ کان وڏو اخلاق آهي. جيڪو ماڻهو ٻين جي مدد ڪري ٿو الله بہ ان تي مهربان ٿئي ٿو. خلق جي خدمت ۾ غريبن ۽ عام ماڻهن جي مدد ڪرڻ بہ شامل آهي. بيمارن جي عيادت ڪرڻ بہ خدمت جو حصو آهي. پاڻي ۽ کاڌو محتاجن کي ڏيڻ وڏي ثواب واري ڪم آهي. پاڙيسرين جي مدد ڪرڻ سان محبت وڌي ٿي، جڏهن تہ اسڪول ۾ ڪمزور شاگردن جي مدد ڪرڻ بہ خدمت آهي. روڊ تي گند نہ اڇلائڻ بہ سماج جي خدمت آهي. بيوس جانورن کي پاڻي ڏيڻ بہ نيڪ ڪم آهي. جيڪو ماڻهو خدمت ڪري ٿو سڀ ماڻهو ان کي عزت ڏين ٿا. خلق جي خدمت سان دل صاف ٿيندي آهي، سماج ۾ امن ۽ سڪون وڌندو آهي. خدمت سان نفرتون گهٽجن ٿيون ۽ محبت وڌي ٿي. جيڪو ماڻهو خدمت ڪندو آهي، ان جي زندگيءَ ۾ خوشي ٿيندي آهي.

## سرگرمي:

- پنج پنج شاگردن تي مشتمل گروپ ٺاهيو. هر گروپ کي چئو تہ ڪو رول پلي تيار ڪن، جنهن ۾ خلق جي خدمت جو سبق شامل هجي. مثال: ڪردار: احمد (شاگرد) راجيش (شاگرد) ۽ استاد
- سين: ڪلاس روم جي ٻاهران( احمد گرمي ڪري ٿڪجي پيو آهي.)
- احمد: آئون تمام اڃ محسوس ڪري رهيو آهيان، مونکي پاڻي کپي پر بوتل خالي آهي.

- (راجيش اچي ٿو.) حسن: ڇا ٿيو احمد؟ تون پريشان ڇو آهين؟
- احمد: مون کي پاڻي نہ مليو آهي ۽ اڄ ڏاڍي ڏک آهي. (حسن پنهنجو پاڻي احمد ڏانهن وڌائي ٿو.)
- راجيش: هيءَ منهنجي بوتل، تون پيءُ. (احمد پاڻي پي وڃي ٿو.)
- احمد: مهرباني راجيش! تون سچ ۾ سٺو دوست آهين. (استاد اچي ٿو.)
- استاد: شاباس حسن! هيءَ خلق جي خدمت جو بهترين مثال آهي. (ٻئي شاگرد هڪ ٻئي ڏانهن مسڪرائن ٿا.)


OXFORD
UNIVERSITY PRESS

## سبق پنجويهون

## صحت ۽ صفائي

### سکيا جي حاصلات:

- مرڪب (هاڪاري ۽ ناڪاري) جملن کي ٻڌي سمجهي سگهي.
- مرڪب (هاڪاري ۽ ناڪاري) جملا ڳالهائي سگهي.
- عبارت پڙهي ان جو بنيادي خيال ۽ عنصر بيان ڪري سگهي.
- هم معنيٰ ۽ متضاد لفظن جي فرق کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۷۲-۷۵

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۲ تي ڏنل سبق (صحت ۽ صفائي) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو پنجويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۵ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ ڪانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- توهان کي ڇا ٿو هي سبق ڇا جي باري ۾ هوندي؟ ڪجهه شاگردن کان جواب وٺو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق کي پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان گڏجي هڪ آواز ۾ هڪ پيرو سبق کي پڙهايو.
- صحت ۽ صفائيءَ جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي؟ جيڪڏهن صفائي نه هوندي ته ڇا ٿيندو؟
- صفائيءَ لاءِ ڪهڙين شين جو خيال رکڻ گهرجي؟ صحتمند رهڻ لاءِ ڪاڏا ڪهڙا ڪائڻ گهرجن؟
- شاگردن کان پڇو ته صفائي جا ڪهڙا روزاني جا ڪم توهان پاڻ ڪندا آهيو؟
- استاد شاگردن کي ٻڌائي ته صحت زندگيءَ جي سڀ کان وڏي نعمت آهي ۽ صفائي انسان کي بيمارين کان بچائي ٿي شاگردن کان پڇو ته صفائي جا ڪهڙا روزاني ڪم توهان پاڻ ڪندا آهيو؟
- شاگردن کي ساڳي معنيٰ ۽ ابتڙ معنيٰ وارا لفظ سمجهايو جيئن ڪتاب ۾ مشق ق ڏنل آهي.

### مشق:

(الف) جملا مڪمل ڪريو.

۱. صفائي نصف يعني اڌ ايمان آهي.

۲. هر ماڻهو صفائي پنهنجي گهر کان شروع ڪري سگهي ٿو.

۳. روزانو وهنجي سهنجي ڏندڻ ڪري، پنهنجو وات ۽ جسم صاف رکي سگهي ٿو.

۴. ڪچرو ميونسپالٽيءَ جي رکيل دٻي ۾ ئي وجهڻ گهرجي.

(ب) سوالن جا جواب:

١. اسڪول ۾ صفائي ۽ صحت جو ڏينهن ملهايو ويو.
٢. اسيمبلي ۾ موجود ٻارن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ هئا.
٣. اسيمبليءَ ۾ هيڊ ماستر صحت ۽ صفائيءَ بابت ڳالهيون ڪيون.
٤. اسيمبلي ختم ٿيڻ ڪانپوءِ استاد ۽ شاگرد شهر ۾ صفائي ڪرڻ لاءِ ويا.
٥. هيڊ ماستر ميڙ کي خطاب ڪندي چيو تہ صفائي نصف يعني اڌ ايمان آهي، سڀني کي صفائي ڪرڻ گهرجي.
٦. هيڊ ماستر جي خطاب ڪانپوءِ استاد، شاگردن ۽ شهرين صفائي ڪئي.

شاگردن کي ڪتاب ۾ هم معنيٰ ۽ ابتڙ لفظ سمجهايو.

(ج) هم معنيٰ ۽ ابتڙ لفظ.

١. ڏينهن-رات، هيٺ-مٿي، ننڍو-وڏو، صحت-بيماري، ايمان-بي ايمان

(د) هاڪاري جملن کي ناڪاري ۾ مٽايو.

١. ٻارن جي هٿ ۾ پلي ڪارڊ نہ هئا. ٢. نهايت غير ڪارائتيون ڳالهيون ٻڌايون.
٢. ڪائڻ پيئڻ جا ٿانوَ صاف نہ رکڻ گهرجن. ۴. ڀرپور حصو وٺڻ جو يقين نہ ڏياريو.

(هہ) سبق جو عنصر ۽ بنيادي خيال "صحت، صفائي، آگاهي ۽ سماجي ذميواري" آهي. صفائي نہ رڳو گهر کي، پر پاڙي، اسڪول ۽ شهر کي بہ محفوظ ۽ صاف سترو بڻائي ٿي. صفائي سان بيماريون گهٽجن ٿيون، ماحول سنو ٿئي ٿو ۽ ماڻهو صحتمند زندگي گذارين ٿا. جڏهن تہ سبق جو اهم عنصر صفائي بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي. ماڻهن کي ذميواري سان صفائي ڪرڻ سيکار، پنهنجي ماحول، گهر، اسڪول ۽ پاڙي کي صاف رکڻ آهي.

## سرگرمي:

- استاد ٻارن کي ٽن ٽن شاگردن جي ٽولين ۾ ورهائي. هر ٽولي کي چئو تہ صفائي رکڻ بابت تقرير تيار ڪريو. واري واري سان شاگردن جو تقريرون ٻڌو، جيڪو شاگرد/ٽولي سٺيون تقريرون ڪري، تنهن کي شاباس چئو.
- صفائي بابت مختصر تقرير جو نمونو:
- السلام عليڪم ساٿيو ۽ ساٿياڻيون.
- اڄ مان توهان سان صفائي جي اهميت بابت چند لفظ ونڊڻ ڪرڻ چاهيان ٿو/ٿي. صفائي انسان جي زندگيءَ جو بنيادي حصو آهي. جيڪڏهن اسان صفائي رکون ٿا تہ اسان نہ رڳو پاڻ کي، پر پنهنجي گهر، اسڪول ۽ پاڙي کي بہ بيمارين کان محفوظ رکون ٿا. صفائي سان ماحول سنو ٿئي ٿو هوا صاف ملي ٿي ۽ اسان جي صحت بهتر رهي ٿي. روزانو پنهنجو ڪمرو صاف ڪرڻ، هٿ ڌوئڻ، ڪچرو مقرر ٿيل هنڌ تي اڇلائڻ ۽ ڪپڙا صاف رکڻ، اهي سڀ سادا ڪم آهن پر تمام فائدي وارا آهن.

- اسان سڀني جو فرض آهي تہ پنهنجي چوڌاري صفائي جو خيال رکون ۽ ٻين کي بہ صفائي جي اهميت بابت ٻڌايون.
  صفائي نيڪي آهي ۽ نيڪي ڪرڻ سان الله بہ خوش ٿيندو آهي. مهرباني.
- ٢: شاگردن کي چئو تہ صفحي نمبر ٧٥ تي ڏنل ۾ رستو ڳوليو. سڀ شاگرد انفرادي طور رستو ڳولن.

## سبق ڇهوڻون

# ماحولياتي تبديلي

### سکيا جي حاصلات:

- ڳالهه ٻولهه ۾ گرامر جو بهتر استعمال ڪري سگهي.
- مختلف اعرابن (زير، زبر، پيش، مد، شد، جزم، تنوين) جو درست استعمال ڪري سگهي.
- روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ست کان ڏهن سادن مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۷۶-۷۸

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷٦ تي ڏنل سبق (ماحولياتي تبديلي) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ڇهوڻون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۵ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- شاگردن کان پڇو ته ماحولياتي تبديلي ڇا آهي؟ ڇا توهان ڪڏهن ان باري ۾ ٻڌو آهي، کولي ٻڌايو.
- استاد وڏي آواز ۾ سبق کي پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان گڏجي هڪ پيرو سبق کي پڙهائي.
- ماحولياتي تبديلي مان ڇا مراد آهي؟ ڪهڙين شين ڪري ماحول خراب ٿي رهيو آهي؟
- ماحول تبديل ٿيڻ سان ڪهڙا نقصان ٿين ٿا؟ ماحول کي بچائڻ لاءِ ڇا ڇا ڪري سگهجي ٿو؟
- استاد شاگردن کي ٻڌائي ته ماحولياتي تبديلي اُن صورتحال کي چيو وڃي ٿو جڏهن ڌرتيءَ جو موسم ۽ ماحول آهستي آهستي بدلجي ٿو. هن تبديلي سبب گرمي وڌي ٿي، برف حد کان وڌيڪ ڳرڻ شروع ٿي وڃي ٿي، مينهن جو ڦير ڦار اچي ٿو ۽ ڪيترن علائقن ۾ ڏڪار يا ٻوڏون اچڻ لڳن ٿيون. انسانن جي بي انتها ڪارخانن، گاڏين جي دونهين ۽ جهنگن وڍڻ ڪري هيءَ تبديلي وڌيڪ تيز ٿي آهي. ماحولياتي تبديلي جي نتيجي ۾ فصل گهٽ ٿين ٿا، جاندارن جا گهر تباهه ٿين ٿا ۽ انساني صحت به متاثر ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسان ڌرتيءَ کي بچائڻ چاهيون ٿا ته اسان کي وڻ پوکڻ ۽ صاف توانائيءَ جا ذريعا استعمال ڪرڻا پوندا.
- شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل زيرِ ۽ زبر وارو حصو پڙهايو ۽ مثال بورڊ تي لکي سمجهايو.

## مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. مسئلن. ۲ ماحولياتي. ۳. گرمي پد ۴. صحت.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. موسم تمام گهڻو تبديل ٿيڻ کي ماحولياتي تبديلي چئجي ٿو.

۲. انساني سرگرمين جهڙوڪ تيل، گئس، ۽ گرين گئسن جي گهڻي استعمال سبب عالمي

۳. ماحولياتي تبديلي سبب فصلن کي نقصان ٿي رهيو آهي، گهڻيون بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن.

۴. ماحولي تبديلي روڪڻ لاءِ وڻ پوکڻ، توانائي جا ماحول دوست ذريعا استعمال ڪرڻ وغيره ضروري آهي.

شاگردن کي ڪتاب ۾ ڏنل زير، زبر هم معنيٰ ۽ ابتڙ لفظ سمجهايو.

(ج) زيرِ ۽ زبر وارا جملا: ماحولِياتِي تَبديلي سَبب سَاهَوارَن کي گهڻو نقصانُ ٿي رهيو آهي. ٻيلا خَتم ٿي رَهيا آهِن. تَوانائِي جا ذَريعا ماحولُ دوستَ ناهن، جنهن ڪري گهڻو نقصان ٿئي پيو.

(د) ماحولياتي تبديلي سبب ٿيندڙ پريشانيون:

- ماحولياتي تبديلي ڪري دنيا ۾ ڪيتريون ئي پريشانيون ٿي رهيون آهن. گرمي پد وڌڻ سبب برف تيزيءَ سان ڳري رهي آهي، جنهن سان ٻوڏون ۽ سُونامي جهڙيون آفتون وڌي رهيون آهن. ڪٿي تمام گهڻو مينهن پوي ٿو تہ ڪٿي بلڪل مينهن نٿو پوي، جنهن سان ڏڪار ۽ فصلن جي تباهي ٿي رهي آهي. هوا جي آلودگي وڌڻ ڪري ماڻهو ساهہ جي بيمارين، الرجين ۽ گرميءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. ڍنڍن ۽ درياهن جو پاڻي گهٽجي رهيو آهي، جانور ۽ پکين جا گهر ختم ٿي رهيا آهن. هن تبديلي سبب خوراڪ جي کوٽ، مهانگائي وڌي رهي آهي. ماحولياتي تبديلي اسان سڀني لاءِ وڏي پريشاني بڻجي چڪي آهي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ گڏجي قدم کڻڻ ضروري آهي.
- سرگرمي: استاد ٻارن کي پنج پنج شاگردن جي ٽولين ۾ ورهائي. هر ٽولي کي چئي تہ ڳالهائڻ جي سرگرمي ڪن ۽ ٽولي مان ڪجهہ شاگرد گرامر جهڙوڪ ٻيهڪ جون نشانيون، واحد، جمع، لفظن جا ضد وغيره نوٽ ڪن ۽ سرگرمي کانپوءِ هر ٽولي ڪلاس ۾ انهن گرامر جي لفظن جي فهرست تيار ڪري ڪلاس اڳيان ٻڌائي.

## سبق ستاويهون

# چڱي ڳالهہ

### سکيا جي حاصلات:

- عوامي جڳهين (ريلوي اسٽيشن، اسپتال، مارڪيٽ، بئنڪ وغيره) تي نظم و ضبط جو مظاهرو ڪري سگهي.
- ڪنهن بہ ڏنل منظر بابت مربوط پيراگراف لکي سگهي.
- محاورن کي ٻڌي، انهن جو مفهوم سمجهي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۷۹-۸۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۷۹ تي ڏنل سبق (چڱي ڳالهہ) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ستاويهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۵ ۽ ۹۶ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- شاگردن کان پڇو تہ چڱائي ڇا کي چئون ٿا، ڪنهن مثال ذريعي ٻڌايو.
- استاد نظم کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪ ڀيرو گڏيل آواز ۾ نظم کي پڙهائي.
- هن نظم ۾ شاعر ڪهڙين چڱين ڳالهين جو ذڪر ڪري رهيو آهي؟
- سوير سمهڻ ۽ سوير اٿڻ ڇو ضروري آهي، ان سان ڇا ٿيندو؟
- استاد شاگردن کي ٻڌائي تہ هي نظم چڱين ڳالهين جي باري ۾ آهي. جنهن ۾ شاعر چئي ٿو تہ جيڪڏهن سٺيون عادتون رکبيون تہ زندگي سهٽي ۽ سٺي گذرندي. سوير اٿڻ ۽ سوير سمهڻ چڱيون عادتون آهن. ٻارو اسان کي گهرجي تہ وقت تي سمهون، وقت تي اٿون ۽ پنهنجا ڪم ڪار وقت تي ڪريون.
- شاگردن کي محاوري بابت ٻڌايو تہ ان جي لفظي معنيٰ آهي: گفتگوءَ، ٻول چال، سوال جواب وغيره.

### مشق:

(الف) خال ڀريو.

۱. سويري سمهون ۽ سويري اٿو. ۲. انهيءَ تي خدا پيو ٿو راضي رهي.

۳. زارين چڱايون انهيءَ کي ملن. ۴. سويري سمهڻ کي وسارج نہ مورُ. ۵. صبح جو سويرو تون اٿجان ضرور.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

(ب) سوالن جا جواب:

١. اسان کي سوير ان ڪري سمهڻ گهرجي تہ ان سان صحت سٺي رهي ٿي.

٢. سوير اٿڻ سان تازگي ٿئي ٿي، سڀ ڪم وقت تي ٿئي ٿو.

٣. هزارين چڱايون ان کي ملن ٿيون، جيڪو سوير اٿي ٿو.

(ج) شاگردن کي ڪتاب ۾ محاورا بورڊ تي لکي پهريان سمجهايو

(د) بازار جو منظر: جڏهن مان بازار ۾ داخل ٿيس تہ هر طرف رنگن جي رونق نظر اچي رهي هئي. دڪانن جي سامهون ريڙهين تي تازا ميوا رکيل هئا، جن جي خوشبو هوا ۾ پکڙيل هئي. ڪجھ ماڻهن پاڇيون چونڊي رهيا هئا. دڪاندار سان ڳالهائي رهيا هئا، تہ ڪجھ ٻار پنهنجي امڙن سان گڏ مناپون وٺڻ لاءِ بيٺا هئا. دڪاندار زور زور سان آواز ڏئي پنهنجو سامان وڪڻڻ لاءِ سڏ ڪري رهيا هئا. ڪچهرين جا آواز، گاڏين جا هارن ۽ ماڻهن جي اچ وڃ ۽ سبزين ۽ ڦلن جي خوشبو هڪ الڳ ئي منظر ڏيک ڏئي رهيو هو. مان ڪجھ دير بيهي هي منظر ڏٺو ۽ سوچيم تہ بازار واقعي هڪ زنده ۽ خوبصورت جاءِ آهي، جتي هر ڪنهن جي زندگيءَ جو حصو نظر اچي ٿو.

(هہ) هن نظم ۾ شاعر سوير سمهڻ ۽ سوير اٿڻ جا فائدا ۽ انهن سان جڙيل چڱايون ٻڌائي رهيو آهي. جيڪو سوير اٿندو آهي، اهو وقت تي پنهنجا ڪم ڪندو آهي. آرام سان اسڪول پهچي سگهبو آهي. سوير اٿڻ جا ڪيترائي فائدا هن نظم ۾ شاعر چڱي ريت شاعر پاران نصيحت جي صورت ۾ ٻڌايل آهن.

(و) هن سرگرمي ۾ ڪتاب ۾ ڏنل لفظ شاگردن کان صورتخطيءَ جي صورت ۾ لکو. شاگردن کان ڪتاب بند ڪرايو ۽ واري واري سان لفظ پڙهي ٻڌايو ۽ هو لکن. آخر ۾ شاگرد جوڙن ۾ هڪٻئي کي لفظ ڏيکاري صحيح ڪرائن.

## سرگرمي:

- استاد ٻارن جا جوڙا ٺاهي ۽ عوامي جڳهين تي ڪيئن پيش اچڻ گهرجي. جوڙن ۾ ٻار پنج پنج نظم و ضبط وارا اصول فهرست جيان لکي پوءِ ڪلاس اڳيان ٻڌائيندا وڃن.
- ٢: هاڻي جوڙن ۾ شاگردن کي چئو تہ لفظ ڳولي ڪلاس اڳيان ٻڌائن. استاد نگراني ڪري.

## سبق اناويھون

# پاڻي وڏي نعمت آهي.

### سکيا جي حاصلات:

- مرڪب جملا لکي سگهي.
- ڪمپيوٽر ۽ موبائيل فون مان ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي.
- ڪنهن به تقريب يا پروگرام جو احوال پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۸۲-۸۴

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۲ تي ڏنل سبق (پاڻي وڏي نعمت آهي) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو اناويھون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹٦ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- شاگردن کان پڇو ته پاڻي نه هجي ها ته ڇا ٿئي ها؟
- توهان کي پيئڻ، وهنجڻ وغيره لاءِ پاڻي ڪٿان ملندو آهي، اُهو پاڻي ڪٿان ايندو آهي؟
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪ پيرو سبق کي پڙهائي.
- توهان جي علائقي ۾ درياءَ، ندي يا ڍنڍ آهي؟ جي ناهي ته پاڻي ڪٿان ايندو آهي؟
- سبق جو خلاصو ڪندي ٻڌايو ته قدرت اسان کي پاڻيءَ جهڙي نعمت ڏني آهي. پاڻي سڀني ساهوارن لاءِ ضروري آهي. ان کانسواءِ ڪا زندگي جيئري نٿي رهي سگهي. ٻين شين کانسواءِ ماڻهو زنده رهي سگهي ٿو پر پاڻيءَ کانسواءِ اسان جي زندگي ناممڪن آهي. اسان کي گهرجي ته پاڻي کي گدلو نه ڪريون. پاڻي کي ڌيان سان استعمال ڪريون. وهنجڻ وقت به گهٽ پاڻي هاريون. پاڻيءَ جو استعمال وقت پاڻيءَ جي کوٽ بابت سوچيون ۽ ٻين کي به ٻڌايون ته هو پاڻي ضايع نه ڪن. ڪتاب مان به شاگردن کي ڪجهه مثال ٻڌايو.

### مشق:

(الف) صحيح جواب.

۱. پيئڻ ۲. گئس ۳. نهرو ۴. پاڻيات

(ب) سوالن جا جواب:

۱. پاڻي گرم ٿئي ٿو ته گئس ٺهجي مٿي اڃي ٿو تنهنڪري ان جا بخار ٺهن ٿا، جيئن ڪڪرن ۾ ٿيندو آهي.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

٢. جڏهن گرميءَ ڪري پاڻي گئس بڻجي ويندو آهي تہ مٿي تَڏ ڪري گڏجي ڪڪرن جي صورت وٺندو آهي.

٣. ڪڪرن ۾ پاڻي گڏ ٿيندو آهي، پوءِ اهو پاڻي پاڻياٺ جي صورت ۾ وسي پوندو آهي.

٤. برسات جو پاڻي دريائن ۾ وهي ايندو آهي، فصلن جي ڪم ايندو آهي.

٥. ڪڪرن جا بخار ڄمي ويندا آهن تہ برفباري يا برف وسندي آهي يا ڳڙن جو مينهن وسندو آهي.

٦. ٻاڦ مان توانائي ملي ٿي، جنهن تي مشينون هلنديون آهن.

(ج) پاڻيءَ بابت جملا:

١. پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪو ساهوارو جيئرو نٿو رهي سگهي.

٢. فصل پڻ پاڻيءَ سان ٿين ٿا. جيڪڏهن درياءَ پاڻي نہ کڻي اچن تہ اسان بک مري وڃون.

٣. پاڻيءَ کي وڏي ڌيان سان استعمال ڪرڻ گهرجي.

(د) سنڌي ڪلچر ڊي جو مختصر احوال: گذريل ڏينهن اسان جي اسڪول ۾ سنڌي ڪلچر ڊي وڏي خوشي ۽ احترام سان ملهايو ويو. مان بہ هن خاص ڏينهن ۾ شريڪ ٿيو هئس. آئون سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ پائي شريڪ ٿيس، جنهن سان مان تمام گهڻو سهڻو لڳي رهيو هئس. اسان ساٿين گڏجي سنڌي ڪلچر بابت ننڍي تقرير بہ پيش ڪئي هئي، جنهن ۾ اسان ٻڌايو تہ اجرڪ، ٽوپي، مهمان نوازي ۽ محبت سنڌي تهذيب جا اهم حصا آهن. بعد ۾ اسان ٻارن گڏجي سنڌ بابت گيت ڳايا ۽ نچياسين. اسان سيني سان گڏ راندين ۾ بہ حصو ورتو ۽ سنڌي روايتي ڪاڏا بہ ڏٺاسين. اهو ڏينهن نئون، دلچسپ ۽ يادگار هو. ڇوتہ مونکي پنهنجي ڪلچر بابت فخر ۽ خوشي محسوس ٿي.

## سرگرمي:

- استاد ٻارن جا پنج ٽولا ناهي ۽ انٽرنيٽ ۽ موبائيل جي مدد سان پاڻي بچائڻ جي طريقا ڳولي، ڪاپيءَ ۾ لکي، هر ٽولو ڪلاس اڳيان ٻڌائي. شاگردن جي انٽرنيٽ هلائڻ ۾ مدد ڪريو. اسڪول جي ليب وٺي وڃو. ان ڪانپوءِ سنڌي کي بورڊ تي لکڻ جي مشق ڪرايو.

# سبق اوڻٽيهون

## مرزا قليچ بيگ

### سکيا جي حاصلات:

- مختلف ادبي شخصيتن، ماڳن، مڪانن ۽ واقعن بابت اعتماد، رواني ۽ دليلن پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- مرڪب (هاڪاري ۽ ناڪاري) جملن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.
- سنڌيءَ ۾ رسيدون ۽ لاڳاپيل فارم (داخلا فارم) ڀري سگهي
- ڪنهن به تقريب يا پروگرام جو احوال پنهنجي لفظن ۾ لکي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۸۵-۸۷

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۵ تي ڏنل سبق (مرزا قليچ بيگ) کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو اٺٽيهون سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ٩٦ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- ڪتاب جي تصوير ڏيکاري پڇو ته هن ماڻهوءَ جي باري ۾ توهان ڪڏهن ٻڌو آهي؟ ان جي باري ۾ ڇا ٻڌو آهي؟ ڪلاس اڳيان سيني کي ٻڌايو. جيڪي شاگرد جواب ڏئي، ان کي شاباس چئو.
- استاد سبق کي وڏي آواز ۾ پڙهي ٻڌائي. شاگردن کان هڪ ڀيرو سبق کي پڙهائي.
- مرزا قليچ بيگ ڪيترائي بيت ۽ نظم توڙي ڪهاڻيون لکيون آهن، توهان کي انهن مان ڪجهه ياد آهي؟
- سبق جي سوالن کي زباني تفهيمي سوالن طور پڻ واري واري سان شاگردن کان پڇو.
- شاگردن کي ٻڌايو ته مرزا قليچ بيگ جا وڏا جارجيا ملڪ مان آيا هئا. هو سنڌ ايندي ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايتري مهارت ڪيائين، ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جو اڄ سنڌي درسي ڪتابن، شاعري، ترجمن ۽ ڪهاڻين ۾ سندس نالو هر هنڌ ورتو ويندو آهي. سندس سنڌي ٻوليءَ جون خدمتون هر هنڌ ساراهيون وينديون آهن. هن ايترو ڪم ڪيو جو ڪيس سنڌي ادب جو "ابو" سڏيو ويندو آهي. انڪري ڪيس شمس العلماءُ يعني عالمن جو سج پڻ سڏيو ويندو آهي. مرزا قليچ بيگ جو ڳوٺ حيدرآباد کان اٽڪل 2 ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هوندو هو ۽ هو اتان کان روزانو پنڌ ڪري حيدرآباد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندو هو. ڳوٺان نڪرڻ بعد ڀريان سنڌوءَ جي آخوند ولي محمد وٽ ويندو هو ۽ پوءِ آخوند صاحب کين اسڪول ۾ خود وجي ڇڏي ايندو هو. نهايت ذهين هئڻ ڪري ڀرين کان انگريزي تائين ڀريون نمبر ايندو رهيو. هي عالم شخص هڪ ئي وقت سنڌي، انگريزي، فارسي، عربي، ترڪي، اردو ٻولين جي مهارت رکندو هو.

## مشق:

(الف) صحيح جواب.

١. ننيڙي ڳوٺ ٢. پڙهائيءَ ٣. بمبئي. ٤. سن ١٩٢٩ع

(ب) سوالن جا جواب:

١. مرزا قليچ بيگ حيدرآباد جي ڳوٺ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ سن ١٨٥٣ع تي پيدا ٿيو.

٢. مرزا قليچ بيگ جا وڏا جارجيا ملڪ مان ميرن يا ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ لڏي آيا.

٣. مرزا قليچ بيگ شروعاتي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي.

٤. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ هو وڌيڪ تعليم لاءِ بمبئي ويو.

حرف ندا شاگردن کي ڪتاب مان مثالن سان پڙهايو.

(ج) حرف ندا جا جملا:

١. واهه واهه! تون تہ پاس ٿي وئين. ٢. ادا! منهنجي ڳالهہ بہ ٻڌندو ڪر.

٢. سائين! هو شاگرد منهنجي پين نٿو ڏئي. ٤. افسوس! گرمي ڪري اسان گهمڻ نہ وڃي سگهياسين.

(د) ناڪاري جملن کي هاڪاري جملن ۾ بدلايو.

١. مون حسيب کان پين ورتي آهي.

٢. اڄ اسلاميات وارو استاد ايندو

٣. مون کي اُڃ لڳي آهي.

٤. مرزا قليچ بيگ گهڻا ڪتاب لکيا آهن

٥. سبزي واري وٽ ٽماٽا آهن.

## سرگرمي:

- استاد ٻارن جا چار ٽولا ناهي ۽ مرزا قليچ بيگ بابت هڪ تقرير ٽولن ۾ تيار ڪري ڪلاس اڳيان پيش ڪري. تقرير تيار ڪرڻ دوران هڪڙا شاگرد اهم ڳالهيون نوٽ ڪن، ٻيا تقرير تيار ڪن. تقرير جو مواد ناهڻ لاءِ هو لائبريري وڃن ۽ اتان مرزا قليچ بيگ جا ڪتاب ڏسي، انهن جا نالا بہ تقرير ۾ ٻڌائن.
- مرزا قليچ بيگ بابت تقرير جو نمونو:

السلام عليڪم دوستو،

- اڄ مان توهان سان سنڌ جي هڪ وڏي عالم، ليکڪ ۽ اديب مرزا قليچ بيگ بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو. مرزا قليچ بيگ جا وڏا جارجيا ملڪ مان آيا هئا. مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي مهارت حاصل ڪئي، جو ڪيترائي ڪتاب، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ترجما لکيائين. اڄ بہ سنڌ جي درسي ڪتابن ۾ سندس نالو احترام سان ورتو ويندو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ايتري خدمت ڪئي جو کيس سنڌي ادب جو "ابو" سڏيو وڃي ٿو. ان کان علاوه، کيس شمس العلماءُ،

يعني ”عالمن جو سج“ جو لقب پڻ مليو.

- مرزا قليچ بيگ جو ڳوٺ حيدرآباد کان اٽڪل ٻہ ڪلوميٽر پري هو. هو روزانو پنڌ ڪري پڙهڻ لاءِ حيدرآباد اچي ويندو هو. مرزا قليچ بيگ تمام ذهين شاگرد هو. هو شروعاتي درجي کان وٺي هميشہ پهريون نمبر آيو. هو نہ رڳو سنڌي ٻولي، پر انگريزي، فارسي، عربي، ترڪي ۽ اردو ٻولين ۾ بہ مڪمل مهارت رکندو هو. هڪ ئي وقت ڪيترين ٻولين تي عبور هجڻ سندس محنت، ذهانت ۽ علم جو وڏو ثبوت آهي.
- مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جو وڏو نالو آهي. ۽ اسان سڀني لاءِ هڪ وڏو مثال آهي تہ محنت، سچائي ۽ ڌيان سان هر ماڻهو وڏو علم حاصل ڪري سگهي ٿو. مهرباني.


OXFORD UNIVERSITY PRESS

## سبق ٽيهون

## ماڪوڙي ۽ ڪبوتر (تصوير ڪهاڻي)

### سکيا جي حاصلات:

- آکاڻي پڙهي، ان جي مرڪزي ڪردارن بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- آکاڻيءَ جي مرڪزي خيال بابت ڳالهائي سگهي ۽ سوالن جا جواب ڏئي سگهي.
- تصويرن ۽ اشارن جي مدد سان آکاڻي مڪمل ڪري سگهي.
- پڙهيل يا ٻڌل آکاڻيءَ جي ڪردارن، مرڪزي خيالن ۽ نتيجن تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري سگهي.
- ٻارن جي رسالن ۽ اخبارن ۾ پنهنجيون تخليقون موڪلي ۽ ٻين جي لکيل مواد تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴، صفحو نمبر ۸۸-۸۹

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۸۸ تي ڏنل سبق تصوير ڪهاڻي کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي ته اڄ هو ڪتاب جو ٽيهون سبق ڏسي ٻڌائيندا. ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي سبق پڙهايو.
- سبق جون تصويرون ڏيکاري پڇو ته هيءَ ڇا جي ڪهاڻي آهي؟
- هن ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪردار آهن؟ ڪردارن کي گڏائي ڪهاڻي ٻڌايو.
- استاد مختلف شاگردن کان ڪهاڻي پڇا ڪري ۽ جتي مدد جي ضرورت هجي شاگردن جي مدد ڪري.

(الف) سوالن جا جواب:

۱. هن تصويرن ۾ ماڪوڙو ۽ ڪبوتر جي ڪهاڻي آهي. ماڪوڙو پاڻي ۾ ٻڏي رهيو هو. ڪبوتر جڏهن ماڪوڙي کي ٻڏندي ڏٺو ته هڪ پن سوري پاڻي ۾ اڇلايائين. ماڪوڙو ان تي تري بچي ويو. هڪ ڀيري هڪ ڇِنو ٻار ان ڪبوتر جو شڪار ڪري رهيو هو. ماڪوڙي ڏٺو ته جيڪڏهن ڪبوتر کي گليل لڳو ته ڪيس نقصان پهچندو. هن تڪڙو وڃي ڇوڪري جي پير ۾ چڪ پاتو. جنهن ڪري ڪبوتر شڪار ٿيڻ کان بچي ويو.

۲. تصوير ۾ ماڪوڙو، ڪبوتر ۽ ڇوڪرو نظر اچي رهيا آهن.

۳. جانورن کانسواءِ هڪ ڇوڪرو، ڪبوتر جو شڪار ڪندي نظر اچي رهيو آهي.

(ب) توها ڪهڙا جانور ڏهاڙي ڏسندا آهيو؟ (ڪانءُ، ڪبوتر، گڏهه، ڳئون، مينهن)

(ج) حرف ندا جا لفظ: (واهه واهه!. شاباس!. گهوڙا ڙي!. بلي!.

(د) استاد شاگردن جا ٽولا ٺاهي. ان ۾ هڪ شاگرد سيني کي جانورن جي ڪا ڪهاڻي ٻڌائي. استاد ٽولن جي نگراني ڪري، جتي مدد جي ضرورت هجي، اتي مدد ڪري.

## سرگرمي:

- ٻارن کي لائبريري وٺي وڃو ۽ اتي ٻارن جا رسالا ۽ اخبارون سيني کي پڙهڻ جي هدايت ڪريو. آخر ۾ ڪلاس ۾ اچي سيني کان ڇا ڇا پڙهيو ۽ ڏنو ڪلاس اڳيان ٻڌائڻ جي هدايت ڪريو.

# سبق ايڪٽيهون

## بهارُ آيو بهارُ آيو

### سکيا جي حاصلات:

- نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي.
- متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.
- پنهنجيءَ پسند جا نظم, لطيفا, پروليون ۽ سهڻا سخن ٻڌائي سگهي.

### امدادي سامان:

- سنڌي ڪتابُ ۴, صفحو نمبر ۹۰-۹۱

### سکيا جو طريقو:

- استاد شاگردن کي ڪتاب جو صفحو نمبر ۹۰ تي ڏنل بيت بهارُ آيو بهارُ آيو کولڻ جي هدايت ڪندي ٻڌائي تہ اڄ هو ڪتاب جو ايڪٽيهون ۽ آخري سبق پڙهندا. (ياد رکو: نئين لفظن جي معنيٰ ڪتاب جي آخر ۾ صفحي ۹۶ تي ڏنل آهن.) ڪتاب ۾ ڏنل ذهن جي آمادگي وارا سوال پڇا ڪريو ۽ جواب وٺڻ کانپوءِ هي بيت پڙهايو.
- توهان کي ڪهڙي موسم وڻندي آهي؟ اُها موسم ڇو وڻندي آهي؟ ڌار ڌار شاگردن کان جواب وٺو.
- استاد شاگردن کي سبق وڏي آواز ۾ سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ جي هدايت ڪري.
- هي نظم ڇا بابت آهي؟ هن موسم کي شاعر ڇو ڳائي ٿو؟ توهان کي ڪهڙي سٽ وڻي ٿي ۽ ڇو؟
- تفهيم وارا سوال زباني شاگردن کان پڇو.
- شاگردن کي ٻڌايو تہ بهار جي مُند ۾ وڻ ٽڻ, پکي, جانور, انسانَ سڀئي خوش ٿيندا آهن. هر شيءِ پياري لڳندي آهي. گلن ڦٽندا آهن, خوشبو ايندي آهي. موسم ڀلي هوندي آهي وغيره.

### مشق:

(الف) صحيح جواب.

۱. وهي اڄ واهہ ٿا وهسن, بهار آيو بهار آيو. تڏيون ٿر جون هوائون "پيرين مان گيت ٿيون ڳائن.
۲. پوئر ڏس ڌار ٿا پٽڪن, بهار آيو بهار آيو. سنباهي هر هليا هاري, خوشيءَ مان پنهنجي کيتن ڏي.

(ب) سوالن جا جواب:

۱. چمن ۾ چتون انڪري ٿا ڇهڪن جو بهار جي موسم آئي آهي.
۲. تڏيون ٿر جون هوائون پيرين مان گيت پيون ڳائن.
۳. چنبيلي, موتيو, نرگس ۽ گلابي گل پيا ٽڙن.
۴. پپيهو ڪوئل, چتون بهار ڏسي گيت ٽا ڳائن.

۵. هاري بهار ڏسي پنهنجي ڪيتن ڏانهن هر ڪٽي وڃن ٿا.

(ج) لفظن جا ضد:

| لفظن | تيز | خوش | تڏي | ڏرتي |
|---|---|---|---|---|
| ضد | آهستي | ناخوش | ڪوسي | آسمان |

(د) مذڪر_مؤنث

| مذڪر | پوڙهو | نر | نينگر | اٺ |
|---|---|---|---|---|
| مؤنث | پوڙهي | مادي | نينگري | ڏاچي |

(هہ) بهار جي موسم بابت پنج جملا:

١. بهار جي موسم ۾ گل ڦل، وڻ ٽڻ، ٻوٽا ٽڙندا آهن. انهن تي گذارو ڪندڙ جيت جڻيا، پوپٽ خوش ٿيندا آهن.

٢. بهار جي موسم سيني کي وڻندي آهي. چاڪاڻ تہ موسم ٻلي هوندي آهي. فصل لهندا آهن.

٣. هن موسم ۾ هر شيءِ سهڻي ۽ وڻندڙ لڳندي آهي. ان ڪي انسان توڙي ٻيا ساهوارا پسند ڪندا آهن.

۴. بهار جي موسم ۾ قسمين قسمين جا پکي من موهيندڙ گيت ڳائيندا آهن.

## سرگرمي:

- استاد ٻارن کي چئي تہ هو هن نظم جو پسنديده سٽون پنهنجي آواز ۾ جهونگاريندا يعني ڳائي ڏيکارن.

# سبق نمبر ۱

## حمد

### سیکھنے کے مقاصد:

- کہانی، واقعات، تقریریں اور خطبات سن کر ان کے اہم نکات سمجھ سکیں۔
- نظم سن کر اس کا مفہوم بیان کر سکیں۔
- متن سے متعلق سوالوں کے جواب لکھ سکیں۔
- اسم عام اور اسم خاص میں فرق سمجھ سکیں۔

### امدادی سامان:

- سندھی کتاب ۴، صفحہ نمبر ۱ تا ۲

### طریقۂ تدریس:

- استاد طلبہ کو سندھی چوتھی جماعت کی کتاب کا تعارف کرائے۔
- پھر کتاب کے صفحہ نمبر ۱ پر دیا گیا سبق ''حمد'' کھولنے کی ہدایت دے اور بتائے کہ آج وہ پہلا سبق پڑھیں گے۔ (نئے الفاظ کے معنی صفحہ نمبر ۹۲ پر دیکھے جائیں۔)
- جب سب طلبہ سبق کھول کر سامنے رکھیں، تو استاد پہلے کتاب میں دیے گئے ذہنی آمادگی والے سوال پوچھے۔
- اب استاد حمد کو واضح تلفّظ اور بلند آواز میں سُر اور لَے کے ساتھ پڑھنا شروع کرے۔
- اس کے بعد طلبہ کو انفرادی طور پر بھی حمد سُر اور لَے کے ساتھ پڑھوائے۔
- اگر بچّے دُرست طریقے سے حمد نہ پڑھ سکیں تو استاد انھیں سُر اور لَے کے ساتھ مصرعے پڑھا کر مثال دے۔
- حمد کی مختصر تشریح :اس حمد میں شاعر رحیم بخش قمر اللہ تعالیٰ کی تعریف کرتے ہوئے کہتا ہے کہ: اللہ نے ہمارے لیے بے شمار پُھول، پودے اور خوبصورتی پیدا کی ہے۔ ان پر نظر آنے والے پرندے، کیڑے اور دوسرے جاندار کتنے حسین لگتے ہیں۔ شاعر کہتا ہے کہ سمندر، دریا، پہاڑ اور جنگل بھی اللہ تعالیٰ نے بڑی حکمت کے ساتھ پیدا کیے ہیں۔ اس کائنات میں آسمان، ستارے، باغ و بہار، برسات کی بارشیں، سورج اور چاند نے زندگی کو بہت دلکش بنا دیا ہے۔
- حمد پڑھنے کے بعد زبانی سوالات کیجیے۔

۱۔ یہ حمد کس شاعر کی لکھی ہوئی ہے؟

۲۔ یہ دنیا کس نے پیدا کی ہے؟

۳۔ مختلف چیزیں پیدا کرنے سے اللہ نے زندگی میں کس طرح خوبصورتی شامل کی ہے؟

## مشق:

(الف) مکمل مصرعے

(۱) گل، پھول نرالے، خالق نے پیدا کیے، (۲) کوئل، بلبل، بھونر، بھنبھوریاں

(۳) آسمان اور زمین، عرش اور کرسی (۴) روشن ستارے، خالق نے پیدا کیے

(ب) سبق کے سوالوں کے جواب

۱۔ گل، پھول، درخت سب اللہ تعالیٰ نے پیدا کیے ہیں۔

۲۔ باغوں میں بہار لانے والا بھی اللہ تعالیٰ ہے۔

۳۔ زمین کو روشن کرنے کے لیے سورج، چاند، ستارے اور آگ پیدا کیے گئے ہیں۔

۴۔ جواب: ہمارے اردگرد کھیت، کھلیان، دریا، جھیلیں، گرمی سردی وغیرہ ہیں جن سے ہمیں فائدہ ملتا ہے۔

## قواعد:

اسمِ عام اور اسمِ خاص

(پہلے کتاب کے صفحہ نمبر ۲ سے اسمِ عام اور اسمِ خاص پڑھایا جائے۔)

(ج) اسمِ عام اور اسمِ خاص

| اسمِ عام | | اسمِ خاص | |
|---|---|---|---|
| گاؤں | گاؤں میں زندگی سادہ لیکن دلکش ہوتی ہے۔ | حیدرآباد | حیدرآباد سندھ کا دوسرا بڑا شہر ہے۔ |
| شہر | شہر میں تمام سہولتیں میسر آتی ہیں۔ | دریائے سندھ | دریائے سندھ کے بغیر سندھ ریگستان بن جائے گا۔ |

(د) آپ کے اردگرد قدرت کے کون سے نظارے ہیں؟ (طلبہ اپنی پسند کے جُملے لکھ سکتے ہیں)

میرے اردگرد باغ کا نظارہ ہے۔ باغ میں ہرے بھرے درختوں پر پرندوں کی آوازیں آتی ہیں۔

پھولوں سے خوشبو آتی ہے۔ بچّے کھیلتے ہیں اور بڑے لوگ چہل قدمی کرتے ہیں۔ ٹھنڈی ہَوا چل رہی ہے۔ انسان، درخت، پرندے اور دیگر جاندار سب مل کر خوبصورت لگتے ہیں۔ یہ سب دیکھ کر مجھے خوشی ہوتی ہے۔

## سرگرمی:

- صفحہ نمبر ۲ پر دی گئی سرگرمی میں استاد بلند آواز میں حمد کے پہلے لفظ پڑھے، اور طلبہ سے کہیں کہ وہ بلند آواز میں ساتھ ساتھ ''خالق خلقیا'' کہیں۔
- مثال: استاد کہے ''گل، پھول نرالے''، طلبہ کہیں: ''خالق خلقیا''۔
- اسی طرح پوری حمد بچّوں کے ساتھ مل کر پڑھوائی جائے۔

# سبق نمبر ۲

## اسان جو نبي سڳورو خَاتَم النَّبِيّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَلٰيٓ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلّم

### سیکھنے کے مقاصد

- کہانی، واقعات، تقاریر اور خطبات سن کر ان کے اہم نکات سمجھ سکیں۔
- متن کے متعلق سوالات کے جواب لکھ سکیں۔
- اپنے اسکول اور محلّے کی لائبریری سے اپنی دلچسپی کے رسالے اور کتابیں لے کر ان کا مطالعہ کر سکیں۔

### امدادی سامان:

- سندھی کتاب ۴، صفحہ نمبر ۳ تا ۵

### طریقۂ تدریس:

- استاد شاگردوں کو صفحہ نمبر ۳ پر دیا گیا سبق "اسان جو نبي سڳورو خَاتَم النَّبِيّين صَلّي اللهُ عَلَيہِ وَ عَلٰيٓ آلِہٖ وَ اَصحَابِہٖ وَسَلّم" دیکھنے کی ہدایت دے گا اور سبق کے اوپر دیئے گئے ذہنی تیاری کے سوالات پوچھے گا۔ (یاد رہے: نئے الفاظ کتاب کے صفحہ نمبر ۹۲ پر دیکھے جاسکتے ہیں۔)
- اب استاد پہلے خود سبق پڑھ کر سنائے۔ سبق پڑھانے کے دوران مشق نمبر (ب) کے تفہیمی سوال زبانی طور پر پوچھے۔
